


# تذڪرة المراد

حاجي محمد حسين صفائي ٺٽوي

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي ادبي بورڊ

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# تذڪرة المراد

(قطب الاقطاب سيد محمد حسين ملقب شاهه مراد شيرازي ٺٽويءَ
جي زندگيءَ، خانداني حالات، بزرگي ۽ ڪرامتن جو احوال)

از

حاجي محمد حسين صفائي ٺٽوي

مترجم

ڊاڪٽر عبدالرسول قادري

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2006ع

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن.]

ڇاپو ڇهريون سال 2006ع تعداد هڪ هزار

قيمت: پنجهٺ رپيا
[ Price Rs. 65-00 ]

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شاهه ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

سنڌي ادبي بورڊ ويجهڙ واري دور ۾ اشاعتي سرگرميءَ ڏانهن سرگرميءَ سان ڌيان ڏيندي نهايت علمي، ادبي ۽ تاريخي شهپارا شايع ڪري هڪ مثال قائم ڪيو آهي. هينئر هيءُ جيڪو ڪتاب "تذڪرة المراد" اوهان جي هٿن ۾ آهي، سو به ساڳئي سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

هيءُ تذڪرو تاريخي شهر ٺٽي سان واسطو رکندڙ بزرگ سيد محمد حسين شاهه شيرازي، جنهن کي عرفِ عام ۾ شاهه مراد شيرازي ٺٽوي ڇيو وڃي ٿو، متعلق آهي، جيڪو حاجي محمد حسين صفائي ٺٽويءَ ڏهين صدي هجريءَ ۾ لکيو. ڪتاب جو اصل مسودو عربي متن ۾ تيار ڪيو ويو، جنهن جو سنڌي ترجمو عربي ۽ فارسيءَ جي هاڪاري عالم جناب عبدالرسول قادريءَ سنه 1426هجريءَ ۾ تيار ڪري بورڊ جي حوالي ڪيو. بورڊ ترجيحي بنيادن تي هن ڪتاب کي ڇپي باذوق پڙهندڙ حضرات لاءِ هڪ وڏيڪ ڪارائتي ۽ مفيد ڪتاب جو اضافو ڪيو آهي.

بورڊ جي وڏ ۾ وڏ اها ڪوشش آهي، ته سنڌ جي علم و ادب ۽ تاريخ سميت انهن بزرگ شخصيتن تي به تحقيقي ۽ تاليفي ڪم ڪيو وڃي، جيڪي نه رڳو سنڌي سماج بلڪ پوري دُنيا ۾ وڏو علمي مقام رکن ٿا. هونئن به تاريخ ۽ علم و ادب جو اصل سرچشمو ۽ روح وري به اعليٰ شخصيتون ئي هجن ٿيون. انهيءَ تسلسل ۾ اسان چاهيون ٿا، ته انهن موضوعن تي بي شمار ڪتاب شايع ڪري پاڻ تي رکيل ذميداري احسن طريقي سان نڀائڻ جي ڪوشش ڪريون.

**چام شورو، سنڌ**
اڱارو ١- محرم الحرام ١٤٢٧ھ
بمطابق 31- جنوري 2006ع

**انعام الله شيخ**
سيڪريٽري
سنڌي ادبي بورڊ

تذكرة المراد
حاجي حسين صفائي عليه الرحمة

بسم الله الرحمن الرحيم رب يسر ولا تعسر وتمم بالخير

الحمد لله الذي شرف الاولياء على سائر الخلق سوى الانبياء واصحاب
الاتقياء وجعلهم اهل الحمد والثناء والعظمة والكبرياء فاطر السماء بغير عمود في
الهواء باسط الارض طافية على ظهر الماء فله الحمد على العباد في
كل حالة في السراء والضراء وله الشكر على النعماء والصبر على البلاء
والصلوة والسلام على محمد سيد البشر وافضل الاصفياء وهو رحمة
للعالمين وشفيع المذنبين في يوم الجزاء وصلى الله عليه وعلى
آله واصحابه وازواجه وذرياته وعترته مع جميع الشهداء قال
الفقير الحقير الضعيف الحافظ الحاجي المريد حمزة الحسين السيد
الملقب باسم السيد المراد قدس الله تعالى سره وعليه الرحمة الى يوم
الجزاء انه مرشدي وصاحبي افضل من الاولياء وبعد فهذه

"تذڪرة المراد" عربي قلمي نسخي جي پهرين صفحي جو عڪس


اعلم أن وفات النبي صلى الله عليه وسلم يوم الاثنين بلا
شك عند الجمهور ولكن حديث ابن مسعود رضي الله تعالى عنه
أن وفاته صلى الله عليه وآله وصحبه وسلم في حادي عشر من
شهر رمضان رواه البزار والمعتمد ما تقدم وعليه الجمهور
وذالك الثاني عشر من شهر ربيع الأول في يوم الاثنين نصف
النهار بالاتفاق وعليه القاضي البيضاوي والله أعلم
بحقيقة الحال وإليه المرجع والمآب — تمت بالخير
فلله الحمد على ذالك حمدا كثيرا
٢ ربيع الاول ١٣٤٧ هـ

"تذكرة المراد" عربي قلمي نسخي جي آخري صفحي جو عڪس

# فهرست


| صفحو | عنوان |
| --- | --- |
| 1 | o پيش لفظ |
| 3 | o مترجم طرفان مهاڳ |
| 15 | o مصنف طرفان مقدمو |
| 16 | باب پهريون: ولادت قطب الاقطاب سيد حسين شاهه مراد شيرازي |
| 18 | باب ٻيو: سيد حسين جي ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت جي باري ۾ |
| 20 | باب ٽيون : قطب الاقطاب سيد حسين شيرازيءَ جون ڪرامتون |
| 24 | باب چوٿون: سيد المراد جي اخلاق، سياءُ ۽ سخاوت جو بيان |
| 27 | باب پنجون: مسجد صفه مان ٻتن ڪڍڻ جو احوال |
| 29 | باب ڇهون: شاهه مراد جو طريقت ارشاد ۽ فيض ظاهر ڪرڻ جو بيان |
| 33 | باب ستون: سيد مراد جو حسب نسب |
| 35 | باب اٺون : قطب الاقطاب و الارشاد سيد مراد جا فيض وارا خليفا |
| 38 | باب نائون: شاهه مراد جي نون مريدن لاءِ تلقين |
| 41 | باب ڏهون: شاهه مراد طرفان مريدن کي ٻين اولياء الله جي زيارت ۽ انهن وٽ وڃڻ جي اجازت جو بيان |
| 44 | باب يارهون: قطب الاقطاب سڳوري سيد جي پلائي ۽ چمار جو بيان |
| 46 | باب ٻارهون: شاهه مراد جي وفات جو بيان |
| 48 | o ساٿي ۽ سونهان |


❖



درگاهہ "شاهہ مراد" جو عام نظارو - مڪلي

# پيش لفظ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الصلواة و السلام عليٰ رحمة للعالمين

سنڌ ۾ صوفين سڳورن جي تذڪرن، سوانح حيات، شعر ۽ ملفوظات جو تحريري مواد گهڻو ڪري فارسي ۽ سنڌي ٻولين ۾ موجود آهي. البت ڪن صوفي بزرگن، مشائخن ۽ عالمن سڳورن جو احوال عربي ٻوليءَ ۾ بہ دستياب آهي.

سردست دستياب هيءُ قلمي ڪتاب "تذڪرة المراد" عربي، نائين صدي هجري، پندرهين صدي عيسويءَ جي مشهور بزرگ حضرت سيد محمد حسين شاهہ شيرازي ٺٽويءَ رحمة الله عليہ بابت تذڪرو آهي ۽ مڪلي، ٺٽي جي تاريخ جو روشن باب آهي. هن ڪتاب ۾ حضرت شاهہ مراد شيرازيءَ ٺٽويءَ جي حسب نسب، ولادت، ننڍپڻ، تعليم و تربيت، اخلاق سياءُ، سخاوت، فيض و ارشاد، خليفن مريدن، ملفوظات، شرعي پابندي، سنت نبويءَ جي پيروي، پلائي، وفات ۽ ڪرامتن جو مختصر ۽ سربستو احوال سمايل آهي.

الله تعاليٰ جي نبين سڳورن جا معجزا ۽ الله جي نيڪ دوستن ولين جون ڪرامتون برحق آهن. قرآن مجيد، احاديث نبوي، سيرت، تاريخ ۽ تصوف جي تذڪرن ۾ انهن معجزن ۽ ڪرامتن جو ثبوت موجود آهي.

ان زماني ۾ بہ تذڪره نويسيءَ جو اهوئي تحريري اسلوب ۽ نمونو هو.

هيءُ تذڪرو حضرت شاهہ مراد شيرازي ٺٽويءَ جي سچي مريد ۽ خليفي حافظ حاجي محمد حسين صفائي ٺٽويءَ (وفات 931 هجري) عربي ٻوليءَ ۾ لکيو آهي. وڏي محبت ۽ عقيدت سان مرشد جي سوانح حيات، ڪرامتن ۽ روايتن کي سهڻي نموني محنت سان يڪجاءِ ڪيو آهي.

تذڪري ۾ ان دور جي حڪمران ڄام نظام الدين سمي "ڄام نندي" (وفات 914 هـ) ۽ همعصر شخصيتن جو بہ ضمناً ذڪر آيل آهي.

بهرحال حضرت شاهہ مراد شيرازي نٽويءَ جي عربي تذڪري جو سنڌي ترجمو، اهل سنڌ لاءِ طريقت ۽ شريعت، فيض ۽ فڪر، تصوف ۽ حقيقت جو آئينو آهي. اميد تہ ڪتاب پڙهڻ سان ڪٿيل ۽ زنگيل دليون روشن ٿينديون ۽ دلي محبت ۽ روحاني سڪون حاصل ٿيندو.

آڳي ڪيا اڳهين، نسورو ئي نُور،
لاخوف عليهم ولاهُم يحزنون، سچن ڪونهي سور،
مولي ڪيو معمور، انگ ازل ۾ اُن جو. (شاهہ)

**ڊاڪٽر عبدالرسول قادري**
تاريخ: 28 ڊسمبر 2005ع

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# مترجم طرفان مهاڳ

الحمد لله رب العالمين والصلاة و السلام عليٰ سيد المرسلين و عليٰ آلہٖ واصحابہٖ اجمعين.

سنڌ ۾ روهڙي، سيوهڻ ۽ مڪلي، ننگر ٺٽو الله وارن جا مشهور مرڪزي ماڳ رهيا آهن. لاڙ پٽ مڪلي ۽ ٺٽي ۾ گهڻائي الله وارن جا آستان ۽ پاڪ پروردگار جي پهتل پيارن ٻانهن جي فيض ۽ برڪت ۽ ڪرامت جا واهہ ۽ واهڙ، اڄوڻ ۽ اونهيون ڪسيون وهندڙ آهن. هر بزرگ پنهنجي پنهنجي زماني ۾ بنا لوڀ ۽ لالچ جي خدا ڪارڻ علمي ۽ روحاني فيض جي اڻ کٽ پالوٽ پئي ڪئي آهي. شيطان جي چنبي ۾ قاتل ۽ نفس جي اري ۾ اڙيل ماڻهن جي رهنمائي ڪري، انهن موڙهيل ماڻهن کي حق جي هدايت جو رستو ڏيکاريو. صالحن جي صحبت ڪري گنهگار بہ نيڪ صالح بڻجي پيا.

عالمن استادن، اديبن ۽ شاعرن وري علم ۽ قلم ذريعي، فڪر ۽ فهم، ادب ۽ علم جو نور پکيڙيو. مطلب تہ انهن فيض ۽ برڪت جي وهڪرن ۽ منن چشمن مان هر دور ۾ ماڻهو سک ۽ سوز، محبت ۽ عقيدت مطابق فيض ياب ٿيندا رهيا آهن.

اهڙي ريت ننگر ٺٽي ۾ حضرت قطب الاقطاب سيد محمد حسين ملقب شاهہ مراد شيرازيءَ (وفات: 893 هہ) جي فيض ۽ برڪت جو سلسلو بہ روشن رهيو آهي. جنهن جي سوانح ۽ احوال و آثار بابت هي ڪتاب ”تذڪرة المراد“ (عربي) شاهد آهي. هن ڪتاب جو سنڌي ترجمو اهل سنڌ جي سامهون حاضر آهي.

حضرت شاهہ مراد وڏي ڪمال ۽ تصرف وارو بزرگ هو. ان جي صحبت ۽ فيض مان وندر وٺي فيض ياب ٿيل مريد هن ڪتاب ”تذڪرة المراد“ جو مصنف حاجي حسين صفائي ٺٽوي بہ هڪ آهي.

## مصنف جي زندگيءَ جو احوال

”معارف الانوار“ ۾ آهي، تہ (شيخ حسين صفائيءَ جو مرشد) حضرت سيد محمد حسين شاهہ مراد شيرازي هر ڪم ۾ حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي

تابعداري ۽ سنت جي پيروي ڪندو هو. جيئن نبي پاڪ ﷺ جن جا مشهور چار خليفا آهن، اهڙي طرح شاهه مراد، حضور ﷺ جن جي طريقي موجب پيروي ڪندي، پنهنجا وڏا چار خليفا مقرر ڪيا: 1. سيد مير علي (سندس وڏو ياءُ) 2. شيخ البو (ڄام مارڪ) 3. شيخ حسين صفائي 4. ميان احمد (ماله)[1]

هن مان ظاهر آهي ته، شيخ حسين صفائي، حضرت شاهه مراد جو مريد ته هو، پر ڪيس خدمت ۽ ڪمائيءَ جي ڪري، مرشد طرفان خلافت به مليل هئي ۽ ٽيون نمبر خليفو هو.

## نالو ۽ نندپڻ

سندس نالو محمد حسين لقب صفائي[2] پاڻ حافظ ۽ حاجي به هو.[3]

اصل ۾ هن جي والده، سيد (شاهه مراد) صاحب جي جاءِ تي (خدمتگار) ۽ ڪم ڪار ڪندي هئي ۽ هي ننڍڙو (حسين) ماءُ جي پوئتان هوندو هو. هڪ دفعي سندس ماءُ، سيد (شاهه مراد) صاحب کي عرض ڪيو ته، "منهنجي پٽ کي پنهنجي ڪوزي مان پاڻيءَ ڍڪ پياريو ۽ دعا ڪريوس، ته صالحن مان ٿئي." پاڻ پاڻي چرون پياري، دعا فرمايائونس. پوءِ ته جو ڪجهه ٽيڻ وارو هو، تنهن راهه تي هلڻ لڳو.[4]

## مرشد طرفان ولايت ۽ فيض ملڻ

"تحفة الطاهرين" ۾ به مٿئين احوال جي هن ريت تصديق آيل آهي:

هڪ ڏينهن حضرت سيد مرادؒ وضو پيو ساريو. وضوءَ جو بچيل پاڻي ان کي پيئڻ لاءِ ڏنو. شيخ حسين صفائيءَ جي عجيب حالت ٿي وئي. ان ئي وقت ولايت جي درجي تي وڃي رسيو ۽ اولياء الله جي جماعت ۾ شامل ٿيو.[5]

---

[1] محمد صالح بن زڪريا ٺٽوي- "معارف الانوار" فارسي قلمي - ص 291

[2] ابو السراج طفيل احمد نقشبندي ٺٽوي- "تحفة الزائرين" اردو- احمد برادرز، ناظم آباد، ڪراچي، حصو ٽيون، ص. 206.

[3] حاجي حافظ محمد حسين صفائي ٺٽوي- "تذڪره المراد" عربي قلمي، ص. 1.

[4] مولانا دين محمد وفائي- "تذڪره مشاهير سنڌ"- سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1986ع، جلد: 3، ص. 47، 48.

[5] شيخ محمد اعظم ٺٽوي، "تحفة الطاهرين" فارسي، مرتب: بدر عالم دراني، سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1956ع، ص. 21.

## مرشد جي خدمت ۽ مرشد جي مهرباني

شيخ حسين صفائي سڄي زندگي، ننڍپڻ ڪان وٺي پوين پساهن تائين، مرشد جي حياتي ۽ بعد ۾ سندس درگاهه جي خدمت ڪندي گذاري ڇڏي.

مولانا دين محمد وفائيءَ سندس خدمت ۽ مٿس مرشد جي مهربانيءَ جو ذڪر هن ريت ڪيو آهي:

" شيخ حسين صفائي سموري ڄمار سيد (شاهه مراد) صاحب جي نماز ۽ وضوءَ لاءِ ڪوزو ۽ مصلو سنڀاليندو هو. جڏهن مصلو پراڻو ٿيندو هو، ته ان جون ٽوپيون ٺاهي پائيندو هو. سيد صاحب سان ايڏي معيت رهيس، جو هڪ دفعي فرمايائونس، ته فقير هن جهان ۽ ٻئي جهان ۾ اسان سان گڏ هوندو."[1]

محمد صالح ٺٽي واري به "معارف الانوار" ۾ لکيو آهي:

"پوءِ شيخ حسين صفائي هميشه مرشد (شاهه مراد) جي خدمت ۾ حاضر رهندو هو ۽ سندس والده به شاهه مراد جي حويليءَ ۾ خدمت ڪندي رهي ۽ (ٻنهي) باقي عمر خدمت ڪندي گذاري ڇڏي."[2]

## دنيا ڪان بي پرواهي ۽ بي نيازي

شيخ حسين صفائي مرشد جي محبت ۽ خدمت ۾ ايتري قدر ته محو هوندو هو، جو دنيا ۽ دنيا وارن جي لوڀ ۽ لالچ، غرض ۽ غايت ڪان بي پرواهه رهندو هو. مرشد جي وصال ڪان پوءِ ته، دنيا سان صفا ناتو ٽوڙي ڇڏيائين. عام ماڻهو پنهنجي جاءِ تي، پر وقت جي حڪمرانن ڪان به بي نياز هو.

"شاهه حسين ارغون (وفات 962 هه) به دفعا شيخ (حسين صفائي) جي زيارت ڪرڻ جي خواهش ڪئي، ليڪن ڪيس اجازت ڪانه ڏنائين."[3]

معارف الانوار جي مصنف سندس دنيا داريءَ ڪان بي رغبتيءَ بابت پارس پٿر جي هيءَ عجيب حڪايت لکي آهي:

"هڪ ڀيري سندس مرشد شاهه مراد جي مريدن مان هڪ مريد احمد آباد مان هلي، شيخ حسين صفائي وٽ ننگر ٺٽي آيو. شيخ ان کي (مرشد وارو سلسلو) ۽

---

(1) "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد: 3، ص. 48.

(2) "معارف الانوار" فارسي قلمي، ص. 295.

(3) مير علي شير قانع، "مڪلي نامه"- مرتب: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ ڄام شورو، تعليقات، ص. 52.

شريعت محمدي وارو طريقو ٻڌايو. اهو احمد آبادي ماڻهو ڳچ ڏينهن شيخ حسين وٽ رهي پيو. ان ڏنو تہ مرشد جو خليفو (حسين صفائي) مسڪينيءَ جي ڪري، صبر شڪر سان گذران ۾ ڏکيا ڏينهن گذاري رهيو آهي. اهو احوال ڏسي (احمد آبادي) شيخ حسين کي عرض ڪيو تہ، ”مون وٽ دنيا دولت جهجهي آهي، جيڪر ان مان ڪجهہ قبول فرمايو تہ خدمت ۾ پيش ڪريان.“ شيخ فرمايو تہ، ”تنهنجي مرضي.“ ان احمد آبادي مريد پارس پٿر جو ٽڪرو ڪيس ڏنو. پوءِ موڪلائي احمد آباد روانو ٿي ويو.

ٻن ٽن سالن کان پوءِ اهو شخص احمد آباد مان نئين زيارت لاءِ موٽي آيو ۽ اچي شيخ حسين صفائي جي زيارت ۽ قدم بوسي ڪيائين. ڏٺائين تہ شيخ جو ساڳيو غريباڻو حال آهي، ان پارس پٿر جي ڪري، ڪابہ دنيا جي فراواني ۽ آسودگي ڏسڻ ۾ ڪانہ ٿي اچي. شيخ ساڳي پراڻي جاءِ ۾ عبادت ۾ مشغول آهي. جاءِ جي ڇت بہ ڪانهي. بنا ڇت جي پاڻ وينو الله الله ڪري!

احمد آبادي شخص عجب ۾ پئجي ويو. شيخ حسين کان حيران ٿي، عرض ڪيائين تہ، ”سائين! مون جيڪو اوهان کي پارس پٿر هديو ۽ سوکڙي ڏنو هو، ان جي ڪري بہ ظاهر خوشحاليءَ جو ڪوبہ اثر ڪونہ ٿو ڏيکارجي؟“

شيخ حسين فرمايو تہ، ”مون کي الله، الله جو رسول ۽ مرشد ڪافي آهي، تنهنجي پارس پٿر جي ضرورت نہ آهي. آءُ جيڪي پٿر، طهارت ۽ وٽ لاءِ استعمال ڪندو آهيان، مون انهن پٿرن جي ڍڳ ۾ تو وارو (پارس) پٿر بہ اڇلي ڇڏيو هو. اهو پٿر تنهنجي امانت آهي، اتي پٿرن مان وڃي اهو پٿر سڃاڻي کڻ.“

ان شخص وڃي ڏٺو تہ، سڀ پٿر پارس ٿيا پيا آهن. پوءِ اهو شيخ جي هيءَ ڪرامت ڏسي، حيرت ۽ عبرت ۾ پئجي ويو. هن الله تعاليٰ جو شڪر بجا آندو ۽ شيخ حسين صفائي ۾ ويتر اعتقاد وڌي ويس.[1]

## عبادت ۽ رياضت

پاڻ هڪ پراڻي قلعي جاءِ ۾ عبادت ۾ مشغول رهندو هو. هميشہ الله تعاليٰ جي خوف ۾ گريہ زاري ڪندو رهندو هو. جنهن جاءِ ۾ رهندو هو، ان جي ڇت ۽ پٽيون جهريل هونديون هيون. پنهنجي مرشد جي وصال کان پوءِ، باقي زندگي

---

[1] ”معارف الانوار في بيان سيد الابرار وائمہ الاطهار و بيان احوال قطب المختار“ فارسي قلمي، ص. 296.

انهيءَ پراڻي جاءِ ۾ عبادت ڪندي گذاري ڇڏيائين. اها جاءِ اڃا تائين موجود آهي ۽ "تخت شيخ حسين" جي نالي سان مشهور آهي.[1]

## تصنيف ۽ تاليف

حاجي حسين صفائي جي تعليم، مدرسي ۽ سندس استاد جو احوال ڪو نہ ٿو ملي، جنهن مان معلوم ٿئي تہ، پاڻ ڪيترو علم پرايائين ۽ ڪهڙا ڪتاب يادگار ڇڏي ويو. البت هن ڪتاب جي مقدمي ۾ پاڻ کي حاجيءَ سان گڏ حافظ لکيو اٿس. ان مان ظاهر آهي تہ، پاڻ قرآن شريف جو حافظ بہ هو. ان سان گڏ عربي ٻوليءَ جو وڏو عالم هو. جنهن جي شاهديءَ طور عربي ٻوليءَ ۾ لکيل سندس هي ڪتاب موجود آهي. جيتوڻيڪ ٺٽي جي مشهور مؤرخ مير علي شير "قانع"، "تحفة الڪرام" ۾ سندس تفصيلي احوال ڪونہ آندو آهي، پر حاجي حسين صفائي جي مرشد حضرت شاه مراد جي ذڪر ۾ ضمناً سندس نالو ۽ مرشد بابت لکيل ڪتاب جو نالو هن ريت لکيو آهي:

"جون تا تہ (سيد حسين شاه مراد) ڇمڻ وقت اڪيون نہ ٿي کوليون. شيخ عيسيٰ (لنگوٽي) کي وجي ٻڌايائون تہ، هو زيارت لاءِ ڊوڙندو آيو ۽ هن، شيخ عيسيٰ جي منهن تي اکيون کوليون. شيخ ڏسي چيو تہ، "هيءُ ئي اهو ماڻهو آهي، جنهن جي مريديءَ لاءِ مون کي انتظار هو. الحمد لله جو مراد پوري ٿي." تنهن کان پوءِ ٿئين ڏينهن گذاري ويو. باقي ٻيون ڪرامتون جي حمل، تج پياڪي، ٻالپڻي ۽ ٻين وقتن تي ڪانئس ظاهر ٿينديون هيون، سي حاجي محمد حسين "صفائي" جي جوڙيل رسالي "تذڪرة المراد" (عربي) ۾ بيان ٿيل آهن."[2]

سيد حسام الدين راشدي، هن ڪتاب جي تاريخي اهميت بيان ڪندي لکيو آهي تہ، "هن تذڪري ۾ ٺٽي جي مشهور بزرگ ۽ ولي الله سيد محمد حسين ولد سيد احمد شيرازي المعروف بہ سيد مراد (متوفي: 893 هہ) جو احوال ۽ سندس ملفوظات آهن ۽ منجهس ضمناً تاريخي واقعات ۽ ان دور جي ٻين بزرگن ۽ معاصر مشائخن جو بہ ذڪر آهي. ازانسواءِ ان دور جي درويشاڻي ۽ سنڌ جي صوفياڻي ماحول جو بہ هن ڪتاب مان اندازو لڳائي سگهجي ٿو. ڪتاب نادر الوجود آهي."[3]

---

[1] معارف الانوار فارسي، قلمي، ص. 297.
[2] مير علي شير "قانع" ٺٽوي- "تحفة الڪرام" فارسي مطبع ناصري جلد: 3، ص. 189 ايضاً سنڌي ترجمو 473.
[3] سيد حسام الدين راشدي- "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"- انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي- حيدرآباد، 1981ع، ص. 734

## وفات ۽ مزار

شيخ حسين صفائي، پنهنجي مرشد جي وصال (893 هه) کان انٽيهه (38) سال پوءِ ظاهري ڏکيا سکيا ڏينهن گهاري، مرشد جي فراق، الله تعاليٰ جي ياد ۽ عبادت گريه زاري ڪندي گذاري ڇڏيا.

ٺٽي ۾ سال 931 هه ۾ وفات ڪيائين. پنهنجي مرشد شاهه مراد جي پيرانديءَ کان مدفون ٿيو.

پنهونءَ پيراندي، نماڻيءَ نصيب ٿئي[1]

سنڌس وفات جو سال "هو خير البقا" مان نڪري ٿو.[2]

931 هه

## شخصيت ۽ عظمت

"تذڪره اولياء سنڌ" ۾ آهي ته، "هيءُ بزرگ سمن جي دور جو آهي. وفات 931 هه - 1524ع"[3] تحفة الطاهرين ۾ لکي ٿو: "شيخ ڪامل بزرگيءَ کان سرفراز ۽ اهل حاجت جي مرادن پورين ڪرڻ کان ممتاز هو." [4]

معارف الانوار سنڌس مرشد وٽ مقبوليت بابت رقمطراز آهي ته، "شيخ حسين صفائي مرشد جو ايتري قدر ته پيارو ۽ رتبي وارو خليفو هو، جو مرشد شاهه مراد وٽ سنڌس حياتيءَ ۾ ايندڙ سوالين جا عرض مرشد جي خدمت ۾ پيش ڪندو هو (۽ انهن سوالين کي جواب وٺي ڏيندو هو) پر مرشد جي وصال کان پوءِ به سنڌس مزار تي سوالي ماڻهن جي سوالن جا ڪشف ذريعي جواب وٺي ڏيندو هو."[5]

اعجاز الحق قدوسي تحرير ڪيو آهي ته، "ننگر ٺٽي جي اوليائن ۾ هڪ وڏي شان وارو بزرگ ٿي گذريو آهي... پاڻ فقر درويشيءَ جي وصف کان

---

[1] "شاهه جو رسالو" مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامه قاضي رسالو تحقيقي رٿا ۽ اشاعت حيدرآباد 1999ع، 362.

[2] "معارف الانوار" فارسي قلمي، ص. 297.

[3] مولانا محمد اقبال نعيمي، "تذڪره اولياء سنڌ"، اردو، شارق پبليڪيشنز ڪراچي، 1987ع، ص. 66

[4] شيخ محمد اعظم ٺٽوي، "تحفة الطاهرين" مترجم عبدالرسول قادري، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1999ع، ص. 22

[5] "معارف الانوار" فارسي قلمي، ص. 295

بي پرواھ ۽ بي نيازيءَ جي صفت سان اتم درجي سينگاريل ھو."[1]

مولانا وفائي، "تذڪره مشاھير سنڌ" ۾ سندس بزرگي ھڪ جملي ۾ قلمبند ڪئي آھي تہ، "(شيخ) عارف ڪامل تارڪ دنيا (ھو)"[2]

نئنگر ٺٽي جي جديد مؤرخ مولانا محمد طفيل احمد نقشبندي، شيخ حسين صفائي جو ذڪر ھنن لفظن ۾ ڪيو آھي: "سندس نالو پنھنجي مرشد (حسين) شاھ مراد وانگر حسين آھي، لقب صفائي آھي، حضرت شاھ مراد جي وڏن خليفن مان ڳڻيو وڃي ٿو. ٺٽي جي اولياء الله ۾ وڏي مرتبي وارو بزرگ ٿي گذريو آھي."[3]

---

[1] اعجاز الحق قدوسي- "تذڪره صوفياء سنڌ" اردو، اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي، 1975ع، ٻيو ڇاپو، ص. 92

[2] "تذڪره مشاھير سنڌ"، جلد 3، ص. 47

[3] "تحفة الزائرين" اردو، جلد 3، ص. 206

# تذڪرة المراد

سنڌ اندر تصوف جي تاريخ ۾ اوليائن ڪرامن جي سوانح، ملفوظات ۽ مڪتوبات جو ذخيرو فارسي ٻوليءَ ۾ گھڻو موجود آهي. البت عربي ٻوليءَ ۾ ڪي ٿورا آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ڪتاب ملن ٿا. انهن مان هي ڪتاب ”تذڪرة المراد“ عربي ٻه اڳاٽي دور جو، لڳ ڀڳ پنج سؤ سال پراڻو تذڪرو آهي.

اصل ۾ هيءُ ڪتاب ٺٽي ۽ مڪليءَ جي مشهور صاحب تصرف و ارشاد اولياء حضرت سيد محمد حسين ملقب شاهه مراد شيرازيءَ جي سوانح حيات، ڪرامتن، تلقين، فيض ۽ بزرگيءَ بابت تذڪرو آهي.

هيءُ تذڪرو شاهه مراد جي مخلص مريد ۽ خليفي با صفا حافظ حاجي محمد حسين صفائي ٺٽويءَ مرشد جي محبت ۽ ياد ۾ تحرير ڪيو. مصنف تذڪري جي مقدمي ۾ لکيو آهي:

”فقير حقير حافظ حاجي (محمد حسين صفائي ٺٽوي) چوي ٿو ته، آءُ حضرت سيد (محمد) حسين (شيرازي) جو مريد آهيان، جيڪو سيد مراد شاهه (شاهه مراد) جي لقب سان مشهور آهي. بيشڪ منهنجو مرشد (وقت جي) اوليائن ڪان ڀلارو آهي. هيءُ مختصر ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻارنهن باب آهن. الله تعاليٰ مراد جي سيني مريدن کي هن ڪتاب ”تذڪرة المراد“ مان نفعو پهچائي!“

ڪتاب ۾ مقدمو ۽ ٻارنهن باب آهن. جنهن ۾ حضرت شاهه مراد جي ولادت، ننڍپڻ، تعليم و تربيت، ڪرامتن، سياءَ ۽ سخاوت، طريقت ارشاد، حسب نسب، خليفن، تلقين هدايت، شان ۽ بزرگي ۽ وفات جو احوال سمايل آهي. مواد حڪايتن جي صورت ۾ آهي، جيئن ان وقت اهو طريقه ڪار مقبول ۽ رواج ۾ هو.

ڪتاب جو لب لباب هيءُ آهي: ”حضرت شاهه مراد جو نالو محمد حسين، والد جو اسم سيد احمد شيرازي آهي، سندس نسب جو سلسلو شاهه مراد کان نبي ﷺ جن تائين، ان کان ويندي ابراهيم خليل الله عليه السلام تائين تحرير آهي. سندس ولادت 830 هجريءَ ۾ ٿي. پاڻ ڄمندي ڄام هو، ان ڪري ظاهري استادن وٽ بسم الله ۽ الحمد الله ... کان وڌيڪ پڙهڻ جي ضرورت نه رهي.

پندرهن سالن کان وعظ نصيحت ۽ عبادت جي ڀرپور ڪوشش ڪيائين. چاليهن سالن کان پوءِ تلقين ارشاد فيض ڏيڻ جو سلسلو شروع ڪيائين. حضرت بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي پونئيرن مان شيخ صدر الدين ملتان مان سندس زيارت لاءِ ٺٽي کهي آيو. سندس فيض ۽ ڪرامت ڏسي ڪيس ”مراد“ جو لقب ڏنو.

شاهه مراد هر ڪم ۾ شريعت محمديءَ جي پيروي ڪندو هو ۽ عاشق رسول اللهﷺ هو. شاهه مراد پنهنجي تلقين ۾ چيو آهي تہ: ”آءٌ بدعت ڪان بيزار آهيان ۽ سنت جماعت جو آهيان.“

پاڻ تارڪ دنيا، بدعت ۽ سماع ڪان بيزار ۽ سخي هو. هر سال گهر جي سڀ سامان جي لُٽ ڪندو هو. سندس وفات 893 هجري ۾ ٿي. ان وقت سندس عمر 63 سال هئي.

سنڌ جو عادل حڪمران ڄام نظام الدين سمو (ڄام ننڊو) بہ سندس بزرگيءَ ۽ ڪرامت جو معتقد هو. سندس فيض درياء جي پالوٺ وانگر هو.“

مطلب تہ هيءُ ڪتاب هڪ سچي مريد جو پنهنجي ڪامل مرشد جي خدمت ۾ نذرانہ عقيدت جو يادگار آهي ۽ بهترين شاهڪار نمونو آهي.

”تذڪرة المراد“ عربي جو قلمي نسخو 33 صفحن تي مشتمل آهي. ڪتابت عربي نوعيت جي جلي قلم سان ٿيل آهي. صفحي جي ڊيگهہ اٺ انچ، ويڪر ڇهہ انچ آهي. هر صفحي ۾ ڏهن ڪان سترنهن سٽون ۽ هر سٽ ۾ سراسري طور ڇوڏنهن لفظ آهن. ڪتاب ۾ تاليف جو سال لکيل ڪونهي. البت شاهه مراد جي نالي جي آخر ۾ ”قدس الله تعالىٰ سره“ ۽ ”عليہ الرحمتہ و الغفران الىٰ يوم الجزاءِ“ لکيل آهي. ان مان ظاهر آهي تہ، هي ڪتاب شاهه مراد جي وفات ڪان پوءِ جو لکيل آهي.

شاهه مراد جي وفات جو سال 893 هجري آهي. ڪتاب جي ليکڪ شيخ حسين صفائيءَ جي وفات شاهه مراد ڪان انٽيهہ سال پوءِ 931 هجري ۾ ٿي آهي. هن مان معلوم ٿيو تہ سال 893 هہ ۽ 931 هہ جي وچ وارن انٽيهن سالن درميان هيءُ ڪتاب تحرير ڪيو ويو هوندو. تنهن ڪري ٿلهي ليکي ڏسبو تہ، هن ڪتاب کي تحرير ڪئي تقريباً پنج سوءَ سال ٿيا آهن ۽ هيءُ ڪتاب نادر الوجود قلمي نسخو آهي.

”تذڪرة المراد“ سنڌ جي هنن ڪتاب خانن ۾ موجود آهي: ڪتب خانہ ڳڙهي ياسين، ڪتب خانہ مولوي محمد طفيل احمد نقشبندي مڪلي ٺٽو، آشيانہ ادب لائبريري ڳڙهي ياسين ۽ هاشميہ قادريہ لائبريري دڙي مگسي سڪرنڊ.

حاجي حسين صفائي ”تذڪرة المراد“ ۾ حڪايتن ۽ روايتن سان گڏ هيٺين ڪتابن جا حوالا ڏنا آهن:

* بزار (مسند)

* تواريخ
* حساب الاحتساب
* الاخلاصة
* الدستور
* سيرت گاذروني
* شجره السادات الطيبين الطاهرين
* قاضي بيضاوي
* قرآن مجيد
* مواهب اللدنيـه

"تذڪرة المراد" ۾ ڪاتب جو نالو لکيل ڪونهي. البت ڪتاب جي آخر ۾ ڪتابت جي هيءَ تاريخ تحرير آهي. 3 - ربيع الاول 1347 ھ.

آخر ۾ گذارش تہ هيءُ افراتفري ۽ ڇتڪتائيءَ جو دور آهي. اڪثر ماڻهو رزاق کي ڇڏي رزق لاءِ سرگردان آهن. زماني جي ڪمن ڪارين ۾ وٺ ونان ڪري، ڇڻ تہ ڪنهن کي متي ڪنهڻ جي بہ واندڪائي ڪانهي. خاص ڳالهہ تہ دنياوي ترقيءَ جي باوجود دلي سڪون ڪونهي. ان ڪري الله وارن جي محبت دل ۾ سانديي، هن صاحب تصرف ۽ ڪامل اولياء جي تذڪري جو سنڌي ترجمو ڪيو ويو آهي. اميد تہ الله وارن جي فيض نظر سان، دلي سڪون يا اطمينان قلبي نصيب ٿيندو ۽ محنت، محبت وارن وٽ قبوليت ماڻيندي ۽ سنڌي ادب ۾ بہ واڌارو ٿيندو.

آءٌ مهربان علم دوست ڊاڪٽر نواز علي "شوق" جو شڪر گذار آهيان، جنهن حسب دستور "سڪر سيمينار" جي موقعي تي شايع ٿيندڙ ڪتاب "مختصر تاريخ سنڌ" (از: سيد محب الله بکري) جي فارسيءَ مان منهنجي ڪيل سنڌي ترجمي وانگر، هينئر "ٺٽي سيمينار" لاءِ بہ هن ڪتاب "تذڪرة المراد" عربي جي ترجمي ڪرڻ لاءِ شوق ڏياريو ۽ سنڌي ترجمي جو محرڪ بڻيو. الله تعاليٰ کيس شاد آباد ڪري!

"هو جي فنا ٿئا فقير، هلو تکيا پسون تن جا." (شاهہ)

طالب العلم

**عبدالرسول قادري بلوچ**
ڳوٺ دڙي مگسي، سڪرند
ضلع نوابشاهہ، سنڌ.

يوم الجمعه
١٦- ذي الحج ١٤٢٢ هجري
بمطابق 1- مارچ 2002ع

# متن

# تذكرة المراد

# مقدمو

بسم الله الرحمٰن الرحيم

رب يسر ولا تعسر و تمم باالخير

سڀ ساراهه الله تعاليٰ واسطي آهي، جنهن نبين سڳورن کان سواءِ سڀ خلق تي اوليائن ۽ متقي پرهيزگارن کي شرف شان سان نوازيو. اهو الله تعاليٰ حمد ثنا، عظمت ۽ ڪبريائي جو حقدار آهي. اُن "ري ٽنڀين ري ٽوٽئين، تون ڇپر تون ڇانءَ" وانگر آسمان کي جوڙي بيهاريو. زمين کي پاڪ پاٽيءَ تي جوڙاريءَ پکيڙيو. ٻانهن کي ڏک سک، هر حال ۾ ان جو حمد ڪرڻ حق آهي. نعمتن تي ان جو شڪر ۽ مصيبتن تي صبر ڪرڻ حق آهي.

محمد ﷺ جن تي صلوات ۽ سلام هجي، جيڪو انسانن جو سردار، اندر جي اجاريل پاڪ چونڊيل انسانن کان يلارو آهي. جهانن لاءِ رحمت آهي ۽ قيامت جي ڏينهن گنهگارن لاءِ شفاعت ڪندڙ آهي. ان جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت هجي. سندس آل اصحابن، پاڪ گهر وارين، اولاد ۽ عزيزن قريبن، انهن سان گڏ سيني شهيدن تي بہ الله تعاليٰ جي رحمت وسي!

هن ڪتاب (تذڪرة المراد) جو لکندڙ فقير حقير ڪمزور حافظ حاجي (محمد حسين صفائي نٿوي) چوي ٿو: "آءٌ حضرت سيد (محمد) حسين (شيرازيءَ) جو مريد آهيان، جيڪو سيد مراد (شاهه مراد شيرازي نٿوي) جي لقب سان مشهور آهي، بيشڪ منهنجو مرشد (وقت جي) اوليائن کان افضل ۽ يلارو آهي."

حمد صلوات کان پوءِ (احوال تہ) هي مختصر ڪتاب آهي، جنهن ۾ ٻارنهن باب آهن. الله تعاليٰ مراد جي سيني مريدن کي هن ڪتاب "تذڪرة المراد" مان نفعو پهچائي!

---

# باب پهريون

## ولادت حضرت قطب الاقطاب والافلاڪ سيد حسين مُلقب (شاھ) مراد شيرازي رحمة الله عليه

**حڪايت:** سيد حسين شاھ شيرازيءَ جو والد سڳورو سيد احمد رحمة الله عليه، شيخ عيسيٰ لنگوٽي (ساموئي جو اولياء) جي زيارت ڪرڻ ويو ۽ ان کي چيو تہ: ”اي شيخ، مون کي پنهنجي خادمن ۾ شامل ڪر!“ ان تي شيخ (عيسيٰ لنگوٽي) ورندي ڏني: ”آءٌ توکي شاهد ٿو بنايان تہ، تنهنجي پٽ مان جيڪا هستي (يعني تنهنجو فرزند سيد حسين شاھ مراد) ظاهر ۽ پيدا ٿيندي، آءٌ ان جو مريد آهيان.“

**حڪايت:** هڪ نيڪ عورت شاھ مراد جي والد سيد احمد کي عرض ڪيو تہ: ”خدا جي واسطي منهنجي ڳالھ ٻڌ.“ سيد احمد عورت کي چيو تہ، ”پلي ڳالھ ٻڌاءِ.“ عورت چيو تہ، ”مون سان شادي ڪر.“ هيءَ ڳالھ طئي ٿي تہ انشاء الله تعاليٰ سياڻي نڪاح ٿيندو. سيد احمد وعدي موجب عورت وٽ ويو. ان عورت ڏسڻ سان شادي ڪرڻ کان انڪار ڪيو. سيد حيران ٿي، ان عورت کان پڇيو: ”ڇري تہ ڪانہ ٿي آهيس.“ تنهن تي نيڪ عورت ورندي ڏني: ”اي منهنجا سائين! هينئر شادي کان انڪار ڪرڻ جو سبب ٻڌ، مون تو ۾ هڪ شيءِ ڏٺي هئي. تنهنجي منهن ۾ نور ٿي چمڪيو، اهو نور هينئر ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي.“ (ان نور مان مقصد شاھ مراد هو. جيڪو سندس پيءُ سيد احمد کان سندس گهر واري بيبي فاطمه جي پيٽ ۾ منتقل ٿي ويو هو. ان ڪري نيڪ عورت شاديءَ کان انڪار ڪيو.)

**حڪايت:** جنهن وقت شاھ مراد جي ولادت جو وقت ويجهو ٿيو، تہ سندس ماءُ کي ويم جا تمام سخت گهڻا سور ٿيڻ لڳا. تنهن تي بيبي سڳوريءَ پنهنجي خاوند سيد احمد کي چوڻ لڳي: ”اي سيد! هنن تمام سخت سورن جو ڪهڙو سبب آهي؟“ سيد وضو ڪري نماز پڙهي، تڪليف دور ڪرڻ لاءِ دعا ڪرڻ لڳو تہ، سيد جي ننڊ وانگر اک لڳي وئي. ڏسي تہ ڪو ڪيس چئي رهيو آهي تہ: ”تنهنجو پٽ ماءُ جي پيٽ ۾ پورو قرآن ۽ قرآني علم پڙهي رهيو آهي.

رڳو هڪ سبق باقي رهيل آهي، ٿورو صبر ڪر. ٿوري دير ڪان پوءِ ٻار از خود هن دنيا ۾ اچڻ وارو آهي."

**حڪايت:** جنهن وقت ٻار ڄائو تہ ان جو نالو "سيد حسين شيرازي" رکيو ويو. ڄمڻ ڪان پوءِ اکين تي هٿ رکيل هئس. اکيون ان ڪري نہ ٿي کوليائين، جيستائين الله تعاليٰ جي اوليائن مان پهرين نظر اولياء تي نہ پئي هئس. پوءِ اها ڳالهہ ٻڌي الله جو ولي شيخ عيسيٰ (لنگوٽي) ان ٻار جي زيارت ڪرڻ آيو، تہ پوءِ سيد حسين اکيون کوليون.

جيئن مشهور روايت آهي تہ، جڏهن علي بن ابي طالب ڪرم الله وجهہ ڄائو هو، ان بہ اکيون نہ ٿي کوليون، جيسين امام الانبياء سيدنا محمد ﷺ جن جي مٿس نظر پئي. نبي ﷺ جن آيا، تہ پوءِ علي المرتضيٰ اکيون کوليون. تاريخ ۾ هيءُ قصو مشهور آهي.

**حڪايت:** سيد حسين جڏهن ماءُ جي پيٽ مان ٻاهر آيو تہ، ظاهري ۽ باطني علم ڪشف ٿيل هئس. ٻار اڃا تنجڻن ۾ هو، تہ شيخ عيسيٰ (لنگوٽي) ولي الله سندس زيارت ڪرڻ آيو. سندس مرتبو سڃاڻي چيائين: "اي حسين! پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍ." الله تعاليٰ جي قدرت سان ٻار هٿ ٻاهر ڪيو. شيخ عيسيٰ اهو هٿ وٺي چميو. مٿي (۽ اکين) تي لڳايو ۽ چيو: "اوهان جي مريدن مان پهريون مريد آءٌ آهيان، جيڪي آخر وقت ۾ ظاهر ٿيندا." شيخ عيسيٰ (لنگوٽي) ٽن ڏينهن ڪان پوءِ گذاري ويو.

جيئن تہ ورقہ بن نوفل، رسول الله ﷺ جن کي چيو هو: "آءٌ اوهان جي امتين ڪان پهريون امتي آهيان، جيڪي آخر زماني ۾ ظاهر ٿيندا. جيڪڏهن ان وقت آءٌ زندهہ هوندس، تہ ان شاءَ الله تعاليٰ اوهان جي مدد ڪندس." (ورقہ بن نوفل) ٽن ڏينهن ڪان پوءِ گذاري ويو هو. (هيءُ واقعو تمثيل طور بيان ٿيل آهي.) ۽ هيءُ واقعو حديث جي ڪتابن ۽ تاريخ ۾ مشهور آهي.

# باب ٻيو

## سيد حسين جي ننڍپڻ، تعليم ۽ تربيت جي باري ۾

جڏهن پاڻ ماءُ جي کير پيئڻ جي مدت کان پوءِ فارغ ٿيو ته (راند روند جي بجاءِ) الله تعاليٰ جي عبادت جو لاڙو ۽ شوق ٿيس. سندس عمر چار سال چار مهينا ۽ چار ڏينهن ٿي ته، قرآن ڪريم پڙهڻ لاءِ مدرسي ۾ (استاد وٽ) ويهاريو ويو. استاد ڪيس بسم الله الرحمٰن الرحيم ۽ الحمد الله رب العالمين. الرحمٰن الرحيم (سورت الفاتحہ) پڙهائي ته اڳتي پورو قرآن شريف از خود پڙهڻ لڳو. ان کان پوءِ استاد وٽ ڪجهه ڪونه پڙهيو. ڇاڪاڻ ته قرآن شريف ۽ سڀ علم ماءُ جي پيٽ ۾ اڳيئي پڙهيءَ آيو هو. يعني ڄمندي ڄام هو.

البت استاد وٽ بسم الله ۽ الحمد الله (سورت فاتحہ) پڙهڻ مان هن ڳالهه ڏي اشارو هو ته، هر طالب العلم لاءِ استاد جو هجڻ ضروري آهي، جيتوڻيڪ شاگرد ڪٿي اصل ۾ ڪامل هجي.

مشهور آهي ته ٻار جڏهن بسم الله کان سورت فاتحہ ۾ الرحمٰن الرحيم تائين سبق پٽي پڙهيو ته پنهنجي پيءُ ماءُ ۽ استاد لاءِ بخشش جي دعا ٿي گهري. ڪتاب جو لکندڙ (حاجي محمد حسين صفائي نثوي) چوي ٿو ته، "ان وقت سندس والد ۽ استاد حيرت ۾ اچي ويا."

پاڻ جڏهن ڏهن سالن جو ٿيو ته ٻين هڪ جيڏن ٻارن کي چوندو هو: "اي منهنجا دوستو! منهنجي لاءِ منبر وانگر متي جاءِ ناهيو ته، توهان کي وعظ ۽ نصيحت ڪريان." اهي جيڏا سرتا ٻار سندس چوڻ موجب ائين ڪندا هئا ته پاڻ متانهين هنڌ تي ويهي، هڪ جيڏن ٻارن کي الله تعاليٰ جي قرآن جي حڪمن مطابق وعظ ۽ نصيحت ڪندو هو. اهڙي طرح پندرهن سالن جي عمر تائين انهيءَ سلسلي ۾ مشغول رهيو.

البت جڏهن پندرهن سالن جي عمر کان وڌيو ته "ڪبير مسجد" (مسجد ولي نعمت) ۾ ويهي جمعي جي ڏينهن ماڻهن کي وعظ نصيحت ڪندو هو. اهڙي ريت چاليهن سالن جي ڄمار تائين اهو سلسلو جاري رکيائين.

جنهن وقت سندس عمر چاليهہ سال ٿي تہ، پاڻ (باقاعدي) طريقت ۾ ماڻهن کي فيض ڏيڻ، بيعت ۽ مريد ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيائون. ان جو ذڪر اسان ڇهين باب ۾ آڻينداسون، ان شاءَ الله تعاليٰ.

ان ڪان پوءِ هر جمعي جي ڏينهن "قديم ڪبير مسجد" ۾ جمعي نماز ادا ڪرڻ لاءِ ويندو هو، ڇاڪاڻ تہ قديم جامع مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهڻ افضل ۽ ثواب ۾ وڌيڪ آهي. (پوءِ پاڻ پنهنجي اولاد کي بہ امر ڪيائين تہ) سيد حسين رحمتہ الله عليہ جي اولاد کي لازم آهي تہ،انهيءَ مسجد ۾ جمعي جي نماز پڙهن، ڇو تہ فقيهن جي قول موجب، قديم مسجد جو وڏو رتبو آهي.

## باب ٽيون

# قطب الاقطاب سيد حسين شيرازيءَ جون ڪرامتون

اصل ۾ سنڌ جا (اڪثر) ماڻهو حضرت مخدوم بهاءُ الدين زڪريا ملتاني، (ولادت: 566 هه - وفات: 661 هه) رحمته الله عليه جا مريد هئا. حضرت سيد حسين شاهه مراد جي فيض ۽ ڪرامتن جو غلغلو ٿيو ته، ان وقت بهاءُ الدين زڪريا ملتانيءَ جي پوٽيرن مان شيخ صدر الدين ملتان واري جو زمانو هو. ان جو ذڪر ان شاءَ الله ڇهين باب ۾ ڪنداسون.

ان جڏهن سيد حسين شاهه مراد جي ڪرامتن ۽ بزرگيءَ جو احوال ٻڌو ته چيو: ”سنڌ ملڪ اسان جي فيض ۽ برڪت سان ڀريو پيو آهي. ٻيو ڪير آهي جو اسان جي ولايت ۾ ولايت ظاهر ڪري يا ٻئي جي گنجائش ناممڪن آهي؟“

بزرگ شيخ صدر الدين امتحان طور پنهنجي خادم هٿان شاهه مراد ڏي کير جو ڀريل پيالو ملتان مان ننگر ٺٽي موڪليو ته، هي اسان جي طرفان ان ڏانهن تحفو آهي. ملتان کان ٺٽي تائين ايتري پنڌ تي به کير نه ڦٽو ۽ هڪ ڦڙو به نه هاريو.

شاهه مراد کير جي ڀريل پيالي تي گل ڪٽي رکيو. مطلب ته اسان جي جاءِ اجا خالي آهي. جيئن کير جي ڀريل پيالي مٿان گل تري رهيو آهي، تيئن اسان به کير جي پيالي مٿان گل وانگر ترندا رهنداسون.

ڪن چيو آهي ته بزرگ شيخ صدر الدين طرفان سيد (شاهه مراد) ڏي کير موڪلڻ مان هن ڪرامت جو اظهار ڪرڻ هو ته هڪ ته جيڪو کير ٿوري وقت ۾ ڦٽي پوندو آهي، اهو کير (ملتان کان ننگر ٺٽي) مهيني جي پنڌ تي ذائقي ۽ رنگ ۾ نه ڦٽو. ٻيو هي ته الله وارن ڏي رڳو کير موڪلڻ بهتر آهي. کير کان سواءِ ٻي شيءِ موڪلڻ مناسب نه آهي.

ڪتاب جو لکندڙ (حاجي محمد حسين صفائي ٺٽوي) هن جا ٻه سبب لکي ٿو:

هڪ - گل، کير تي رکڻ. کير جيڪو ڪلاڪ ٻن ۾ ڦري ۽ ڦٽي پوندو آهي ۽ گل جيڪو ٻوٽي مان پٽجڻ کان پوءِ ته گهڙي پل ۾ مرجهائجي ويندو آهي ۽ ايتري پنڌ تي گل جي خوشبوءِ، ذائقو ۽ رنگ نه مٽيو. گل سر سبز تر ۽ تازو رهيو ته، اها ڪرامت ڀرين کير نه ڦٽڻ واري ڪرامت کان وڌيڪ افضل آهي.

بيو - هيءُ تہ اصل ۾ گل، نبي ڪريم ﷺ جن جي پگهر مان نڪتو آهي. حضرت سيد (شاهہ مراد) بہ نبي ڪريم ﷺ جن جي جسم مبارڪ جو ٽڪرو آهي. پوءِ ان ڪري هي عزت ۽ ڪرامت بہ پهرين ڪان وڌيڪ آهي.

جنهن وقت اهو گل شيخ صدر الدين (ملتاني) کي پهتو تہ عجب ۾ پيو. پوءِ هن پنهنجو خادم شاهہ مراد ڏي موڪليو ۽ خادم، شاهہ مراد کي نياپو ڏنو تہ، شيخ صدر الدين توکي پاڻ وٽ (ملتان) گهرايو آهي.

(تنهن تي شيخ صدر الدين جي خادم کي) شاهہ مراد چيو تہ. شيخ صدرالدين کي وڃي چئو: "تون ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ جو اولاد آهين ۽ آءٌ (محمد) ﷺ جن جو اولاد آهيان. جيڪڏهن نبي ﷺ جن ابوبڪر صديق رضہ ڏانهن ويندا هئا تہ، آءٌ بہ تو وٽ اچان ۽ جيڪڏهن ابوبڪر صديق رضہ، نبي ﷺ جن وٽ ايندو هو تہ. تون بنا فرصت جي اسان وٽ اچ." (مطلب تہ ابوبڪر صديق رضہ هر روز حضور ﷺ جن وٽ خدمت ۾ ايندو هو ۽ حضور ﷺ جن ان وٽ ڪڏهن ضرورت وقت ويندا هئا. هن صورت ۾ اڳئين جي سنت موجب توهان کي مون وٽ اچڻ جڳائي ۽ مون کي اوهان وٽ اچڻ نہ ٿو سونهين.)

شيخ صدر الدين ملتاني هن نياپي ملڻ کان پوءِ ننگر ٺٽي شهر ۾ آيو. (شيخ صدر الدين ٺٽي شهر ۾ اچي) پهريان شاهہ مراد جي ڪشفي قوت ۽ روحاني طاقت جي امتحان وٺڻ لاءِ هڪ جڳهہ جوڙائي ۽ ان ۾ اندر قرآن شريف رکائي ڇڏيو. جنهن وقت سيد حسين شاهہ مراد، شيخ صدر الدين جي ملاقات لاءِ آيو تہ شيخ، شاهہ مراد کي چيو تہ: "تون سيد آهين، آءٌ تنهنجو خادم آهيان، ان ڪري هن بلند جاءِ ۾ ويهہ."

شاهہ مراد باطني ڪشف ۽ فراست سان معلوم ڪري چيو: "هن جاءِ مان اندران قرآن شريف ٻاهر آڻ تہ پوءِ تا ويهون." ان کان پوءِ گڏجي وينا ۽ تفصيلي ملاقات ڪرڻ لاءِ ٺٽي جي مشهور "مسجد ڪبير" ۾ جمعي جو ڏينهن مقرر ڪيائون.

وعدي موجب (ٻئي بزرگ) جمعي جي ڏينهن "ڪبير مسجد" ڏي پئي آيا تہ، واٽ تي ٻلي مئي پئي هئي. شيخ صدر الدين چيو: "قم باذن الله" يعني الله جي حڪم سان اُٿ. ان وقت ٻلي جيئري ٿي پئي.

ان کان پوءِ سيد حسين، خادم کي چيو تہ وڃ رستي ۾ جيڪو ماڻهو تو کي ملي، ان کي چئو: "اسان جو سائين توکي سڏي ٿو." پوءِ خادم ويو. ان کي .

رستي پوڙهو برهمڻ مليو. خادم ان کي چيو تہ: "اي برهمڻ! اسان جو مرشد تو کي سڏي ٿو." جڏهن برهمڻ سيد حسين شاهہ مراد جو نالو ٻڌو، تہ ان ئي وقت مٿس وجد طاري ٿي ويو. هن اتي ئي جٽيو ڇني ڇڏيو. شاهہ مراد جي خدمت ۾ آيو ۽ مسجد ۾ داخل ٿيو. جڏهن سيد حسين نماز پوري ڪري، هڪ نظر برهمڻ تي وڌي، تہ برهمڻ چوڻ لڳو: "توهان ڪامل مرشد آهيو. آءٌ ڪلمو پڙهي مسلمان ٿيان ٿو: لاالـہ الاالله محمد رسول الله ﷺ (الله تعاليٰ کان سواءِ ڪوبہ عبادت جي لائق نہ آهي، محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن.)

پوءِ شاهہ مراد ان نئين مسلمان ٿيل برهمڻ کي چيو: "منبر تي چڙهي ويهہ." اهو جڏهن منبر تي ويٺو تہ، الله تعاليٰ برڪت سان ان تي ظاهري ۽ باطني علم کولي ڇڏيا، يعني سڀ حجاب هٽي ويا. پوءِ سورة فاتحہ (الحمد شريف) جون چوڏنهن (الڳ الڳ) معنائون بيان ڪيائين. انهن مان شيخ صدرالدين ست معنائون سمجهيون ۽ ست معنائون سمجهي ئي نہ سگهيو. جنهن مهل وعظ پورو ٿيو تہ اٿي بينا ۽ سيد حسين، شيخ صدر الدين کي چيو تہ: "مئل کي جيئرو ڪرڻ نبين سڳورن جو خاص معجزو آهي. مٿس (ڪامل ولي) اهو آهي، جيڪو الله تعاليٰ جي ذڪر سان مئل دلين کي جيئاري. مئل دليون زندهہ ڪرڻ، مئل (ٻلين) کي جيئارڻ کان وڌيڪ افضل - شرعي ڪرامت آهي ۽ اهو غير شرعي آهي."

(اهو واقعو ڏسي، ڳالهہ ٻڌي) شيخ صدر الدين عرض ڪيو: "اي حسين! جيئن الله تعاليٰ توکي نوازيو آهي، ائين مون تي بہ مهرباني ڪر." پوءِ شاهہ مراد مٿس ڪرامت ڀري نظر ڪئي تہ، ولايت جي مٿانهين درجي تي پهچي ويو.

پوءِ شيخ صدر الدين چيو: "اي حسين! تون مشائخن ۽ اسان سڀني جي "مراد" آهين، ڇاڪاڻ تہ مون ۽ برهمڻ تو وٽان پنهنجون مرادون ماڻيون." چون ٿا تہ ان ڏينهن کان پوءِ سيد حسين "شاهہ مراد" جي لقب سان مشهور ٿي ويو.

شيخ صدر الدين وڌيڪ چيو: "سيد المراد! مريدن جو خرقو عطا ڪر. (خرقو، مرشد طرفان مريد ڪامل کي تبرڪ طور ڏنل ڪپڙي کي چئبو آهي) جيڪو مريدن لاءِ قبر ۾ حجت توشو ٿئي." شاهہ مراد فرمايو: "منهنجي مريدن کي خرقي جي ڪا حاجت نہ آهي". شيخ صدر الدين چيو: "سيد المراد! تون باهہ آهين ۽ شيخ صدر الدين "حليم". ڇاڪاڻ تہ اسان توکي اعتقاد ۽ حلم وارو بردبار لڌو

آهي. " ان کان پوءِ وري شيخ صدر الدين جو نالو "حليم" مشهور ٿي ويو.

شيخ صدر الدين شاهه مراد سان وعدو ڪيو ته، "جيڪڏهن اوهان جو ڪو مريد مون وٽ مريد ٿيڻ لاءِ ايندو ته، ان کي اوهان ڏي واپس موڪليندس، البت منهنجو ڪو مريد اوهان وٽ مريد ٿيڻ لاءِ خدمت ۾ اچي ته، اختيار وارو آهين." هن (گفتگو) کان پوءِ هڪ ٻئي کان (پيار محبت سان) دعا سلام ڪري موڪلايائون.

---

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.

# باب چوٿون

## حضرت سيد المراد قطب الاقطاب جي اخلاق، سياءَ ۽ سخاوت جو بيان

شاهہ مراد ڪاڻ پيڻ (اٿڻ ويهڻ) سيني عادتن ۽ عبادتن ۾ شريعت جي پيروي ڪندو هو. حضرت شاهہ مراد وٽ "دريائي" نالي خدمتگار رهندو هو. هڪ ڏينهن ڪو سوالي شاهہ مراد وٽ آيو. پاڻ ان سواليءَ کي "دريائي" ڏي موڪليائون تہ، ان ڪان وجي ڪجهہ ڏوڪڙ وٺي. دريائي، سواليءَ کي چيو: "مرشد مون کي ڪهڙي دنيا دولت ڏني آهي، جو تو کي ڏيان!" سوالي فقير موٽي اچي شاهہ مراد کي ماجرا ٻڌائي تہ، "سائين! مون کي دريائي فقير تہ ڪجهہ نہ ڏنو." تنهن تي پاڻ خاموش رهيو.

ائين ٿوري دير ۾ شاهہ مراد وٽ هڪ ٻيو ماڻهو آيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو: "سائين! آءٌ تنهنجو خادم آهيان" ۽ ٻہ شيون خدمت ۾ پيش ڪيائين. هڪ نماز جو مصلو، ٻي سون جي سر. وڌيڪ عرض ڪيائين، تہ "هي سوني سر عدن شهر جي آهي. اسان ٻيڙيءَ ۾ هئاسون تہ ٻيڙي ٻڏڻ لڳي. ان وقت اسان "يا سيد المراد" پڪارڻ لڳاسون تہ توهان جلديءَ ۾ پهچي ويا. (اهڙي طرح ٻيڙي ٻڏڻ کان بچي وئي ۽ اسان سلامت رهياسون.) هينئر هيءُ هديو حاضر آهي. نہ موٽائجو، قبول ڪجو، ڇاڪاڻ تہ رسول اللهﷺ جن ٻہ هديو نہ موٽائيندا هئا."

شاهہ مراد، سواليءَ فقير کي چيو تہ، "هيءَ سون جي سر دريائي وٽ کڻي وڃ، ان کي ڏي ۽ چئو تہ، مرشد طرفان هيءَ سوني سر وٺ ۽ هاڻي تہ مون کي خيرات ڏي."

**حڪايت:** حضرت شاهہ مراد هڪ دفعي مسجد جي محراب ۾ ويٺو هو تہ پاڻ، اوچتو مصلي جي هينان پنهنجو ساڄو هٿ وڌائون تہ سندن پيشانيءَ مان پگهر ٽمڻ لڳو. اهڙي ريت سندن پهراڻ بہ پگهر ۾ آلو ٿي ويو. جڏهن مصلي جي هينان پنهنجو هٿ ٻاهر ڪڍيائون تہ،ان هٿ مان پاڻيءَ جا ڦڙا ٽمي رهيا هئا. مريدن عرض ڪري سبب پڇيو، تہ پاڻ چوڻ لڳا: "منهنجو هڪ مريد ٻيڙيءَ تي سفر ڪري رهيو هو تہ اوچتو برسات ۽ طوفان ان کي اچي وڪوڙيو.

مريد ٻڏڻ تي هو تہ، ”يا مرشدي يا مرشدي!“ چئي مون کي پڪارڻ لڳو. مون ان جو سڏ ٻڌو ۽ ورنايو. مصلي جي هينان هٿ وجهي بحر عميق مان ان مريد جي ٻيڙي تاريم.“

ڪن چيو آهي، تہ هيءُ ٻي ٻيڙيءَ جو واقعو آهي. چيو ويو آهي، تہ هيءَ اها ٻيڙي آهي، جنهن جو ذڪر حڪايت ۾ تي گذريو آهي.

**حڪايت:** سال جي پڇاڙيءَ تي پاڻ شاهہ مراد گهر مان ٻاهر نڪري، فقيرن کي سڏ ڪندو هو. فقيرن کي چوندو هو تہ: ”اچو منهنجي گهر مان جو ڪجهہ توهان کي وڻي، مال ملڪيت، ميوات، ڪپڙا، سڀ ڪڍو. مون لاءِ پوئتي ڪابہ شيءِ نہ ڇڏيو.“

اهو سندن سخاوت جو حال هو. جيسين تائين سندس حياتي هئي، هر سال ائين ڪندو هو.

شاهہ مراد هر ڪم ۾ شريعت محمدي جي پابندي ۽ عشقِ رسول ﷺ جن جي پيروي ۽ تابعداري ڪندو هو. جڏهن حديثن ۾ ٻڌائين تہ، محمد رسول الله ﷺ جن چاليهن سالن جي زندگيءَ ۾ جيڪي جَوَ ڪاڏا آهن، پاڻ بہ ٽيٽيهن سالن ۾ اوترا جَوَ ڪاڏائين.

**حڪايت:** حضرت سيد شاهہ مراد جي خادمن مان عثمان نالي هڪ سچو خادم هو. هڪ ڏينهن سيد جي خدمت ۾ وينو هو تہ، نماز جو وقت تي ويو. شاهہ مراد ان خادم کان نماز لاءِ ڪپڙو ورتو. ان چادر ۾ پيسا ٻڌل هئا. شاهہ مراد اهي پيسا فقيرن ۽ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيا.

ٻئي ڏينهن سيد، خادم (عثمان) کي چيو تہ، ”تنهنجي چادر ۾ جيڪي پيسا هئا، انهن جو حساب ٻڌاءِ (تہ توکي ڏيان). ان تي خادم وراڻيو تہ، ”سائين اوهان سان ڪهڙو حساب ۽ ليکو؟ آءٌ ۽ منهنجو اولاد بہ اوهان تان گهور آهي.“

اهو محبت وارو جواب ٻڌي، شاهہ مراد خادم کي چيو: ”اميد تہ الله تعالىٰ قيامت ۾ بہ تو کان حساب نہ وٺندو. يعني پنهنجي مهربانيءَ سان بخشي جنت ۾ داخل ڪندو.“

(مثال طور) جهڙي ريت روايت آهي تہ، تبوڪ جي جنگ وقت حضرت عثمان بن عفان (شهادت 35 هجري) رضي الله تعالىٰ عنہ سون ۽

چانديءَ جا خچر حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ مدد لاءِ موڪليا هئا. پوءِ جڏهن الله تعاليٰ مسلمانن کي تبوڪ جي جنگ ۾ فتح ۽ ڪاميابي ڏني تہ، رسول الله ﷺ جن جنگ تان فتح ۽ نصرت جي ڪري خوش ٿي موٽيا ۽ حضرت عثمان غني رضي الله عنه کي فرمايائون: "اي عثمان! تو جيڪو سون ۽ چاندي اسان کي ڏنو، ان جو حساب ڪر تہ تو کي هينئر ڏيون."

حضرت عثمان غني رضي الله عنه عرض ڪيو تہ: "اي الله جا رسول ﷺ! منهنجو پيءُ ماءُ، اولاد ۽ مال ملڪيت سڀ اوهان تان قربان. منهنجو اوهان سان ڪهڙو حساب ۽ ليکو آهي."

(هيءُ محبت ڀريو جواب ٻڌي) رسول الله ﷺ جن فرمايو: "الله جي اِذن سان آءٌ تنهنجو ضامن آهيان. الله تعاليٰ قيامت ۾ بہ تنهنجو حساب نہ ڪندو." بنا شڪ شبهي جي هيءَ حديث مشهور آهي.

# باب پنجون

## مسجد صفہ مان ٻتن ڪيڻ جو احوال

حضرت شاھ مراد جو هي واقعو ڄام نندي (ڄام نظام الدين سمو - وفات: 914 هجري) جي حڪومت جي پوئين دور جو آهي. ڄام نظام الدين معروف ڄام نندو پنهنجي وقت جو عادل ۽ سخي بادشاھ هو. هو روزانو صبح جو دعا گهرندو هو تہ:"اي منهنجا الله! آءٌ ڪنهن بہ بادشاھ تي ظلم سان حملو نہ ڪندس. هن صبح جي برڪت سان اسان تي بہ هرو ڀرو ظلم سان ڪو حملو نہ ڪري!"

جڏهن ڄام نندي بادشاھ حضرت شاھ مراد جي سخاوت، ڀلائي، زهد ۽ ڪرامت جي ڳالھ ٻڌي، تہ ان ڏي هديو موڪليو.

**حڪايت:** ڄام نندو وضو ڪرڻ لاءِ ويهندو هو، تہ ڪنهن سان نہ ڳالهائيندو هو. آسمان ڏي بہ بنا وضوءَ جي نہ نهاريندو هو.

هڪ ڏينهن پاڻ وضو ڪرڻ لاءِ ويٺو تہ، ڪيس هُما پکيءَ جي خبر ٻڌايائون. (هُما، هڪ مشهور پکيءَ جو نالو آهي، جنهن ماڻهوءَ تي ان پکيءَ جو پاڇو پوندو، تہ اهو ماڻهو بادشاھ ۽ ڀاڳ وارو ٿيندو.) پاڻ چيائين تہ: "آءٌ بنا وضوءَ جي آهيان، ان ڪري مٿي (آسمان ڏي) نہ ڏسندس." ايتري ۾ هُما پکي اڏامي هليو ويو. پر وضوءَ ڪان سواءِ ان ڏي مٿي نظر نہ ڪيائين. جيتوڻيڪ ڪيس هُما پکي ڏسڻ جو دل ۾ تمام گهڻو شوق هو. ڄام نندو گذريل زماني ۾ شريعت جو پابند حڪمران هو.

**حڪايت:** جڏهن حضرت شاھ مراد، ڄام نظام الدين سمي جي ديوان (لکي مل) جي جاءِ مان ٻتن ڪيڻ جو حڪم ڪيو. هندو دانهن ڪٺي ڄام نندي بادشاھ وٽ ويا تہ: "بادشاھ! تون عدل انصاف وارو حڪمران آهين، تنهنجي وقت ۾ اسان سان هيءُ ظلم ٿي رهيو آهي." بادشاھ پڇيو تہ: "توهان سان ڪهڙو ظلم آهي؟" انهن هندن چيو تہ، "اصل ۾ اڳاتو اسان جي وڏن، ابن ڏاڏن (هن جاءِ ۾) ٻت رکيا هئا. هينئر توهان جي وقت ۾ سيد مراد انهن ٻتن ڪيڻ جو حڪم ڪيو آهي."

ڄام نندي (پنهنجي پاڻيجي) ڄام مارڪ کي، شاھ مراد کي گهرائڻ لاءِ موڪليو. ان ڪان پوءِ نتر نالي ماڻهوءَ کي موڪليو. ان ڪان بعد آخر ۾

شيخ مالہ کي موڪليو. هن جاءِ جو قصو انشاء الله ڇهين باب ۾ آڻينداسون.

جڏهن ڄام ننڍي، شاهہ مراد ڏي موڪليل پنهنجن ٽن ماڻهن کان سندس ولايت ڪرامت جو بيان ٻڌو تہ چوڻ لڳو: "آءٌ شاهہ مراد جي خادمن مان هڪ خادم آهيان. هو هن معاملي ۾ اختيار وارو آهي." پوءِ تہ ان هدين پويان هديا ۽ سوڪڙين پٺيان سوڪڙيون شاهہ مراد ڏي موڪليون. شاهہ مراد وري اهي سوڪڙيون ۽ هديا فقيرن ۽ غريبن کي ڏيندو ويو. پوءِ تہ ماڻهن ۾ سندس وڏو نالو مشهور ٿي ويو. پاڻ ماڻهن کي جاءِ مان ٻتن ڪڍڻ جو امر ڪيائين ۽ فرمايائين: "اي سچا محب خادم مسلمانو! هن جاءِ مان هندن جا بت ٻاهر ڪڍو." ماڻهن کي جيئن امر ڪيو هئائين، ماڻهن بہ جاءِ مان بت ٻاهر ڪڍي ڇڏيا. ان ئي وقت اها جاءِ مسجد ۾ تبديل ڪئي وئي. هينئر اها جاءِ عام ماڻهن ۾ سيد مراد جو صفو مشهور آهي.

# باب ڇھون

## سيد شاھ مراد جو طريقت ارشاد ۽ فيض ظاھر ڪرڻ جو بيان

جنھن وقت شاھ مراد جي عمر چاليھن سالن کي پھتي تہ، پاڻ ماڻھن کي طريقت ۽ سلوڪ ۾ بيعت ڪرڻ جو سلسلو شروع ڪيائون. پر ڪيس پنھنجي والد (سيد احمد شيرازيءَ) روڪيو تہ، ”جيسين مڪي شريف جي بزرگن اوليائن کان اجازت نہ ملي، تيسين خاموش رھ.“ سندس والد اجازت نامي ملڻ لاءِ مڪي شريف خط لکيو. مڪي شريف مان ھيءُ جواب آيو:

”اي سيد (احمد)! پنھنجي فرزند (سيد محمد حسين شاھ مراد) کي نہ روڪ. ڪيس اجازت ڏي (تہ ڀلي فيض وندي). طريقت ۽ فيض جي باري ۾ تو کان ۽ اسان کان گھڻو ڄاڻي ٿو.“

مڪي شريف مان آيل خط مان ڪيس اجازت نامي ملڻ کان پوءِ سندس والد سڏي چيو تہ: ”اي پٽ! ھينئر توکي اجازت ۽ اختيار آھي. تون پنھنجي ڳالھين ۾ سچو آھين.“

ھن اجازت نامي کان پوءِ شاھ مراد اعلان ڪيو تہ: ”جيڪو بہ الله تعاليٰ جي ھدايت ۽ فيض جو طالب ھجي، اھو بنا دير اسان وٽ اچي.“

اھو اعلان ٻڌندي ئي ماڻھو جٿن جا جٿا سندس خدمت ۾ حاضر ٿيا ۽ (امتحان طور) عرض ڪرڻ لڳا تہ: ”اسان کي ڪرامت ڏيکار.“ پاڻ فرمايائين: ”ڪھڙي ڪرامت ٿا طلبيو“؟“ سڀ ماڻھو چوڻ لڳا: ”ھن وقت سڀ پکي اوھان وٽ اچي حاضر ٿين، پوءِ توھان کي مڃينداسون.“

ھيءَ ڳالھہ ٻڌي پاڻ ان ئي وقت پکين کي سڏ ڪيائين. تنھن تي سڀ پکي مسجد ۾ اچي الڳ الڳ ٻوليون ٻولڻ لڳا. ماڻھن جڏھن اھا ڪرامت ڏٺي تہ، محبت ۽ عزت واسطي سندس ھٿ چمي، اکين تي رکي چوڻ لڳا: ”تون ڪامل مرشد آھين. پنھنجي فيض ۽ ارشاد ۾ سچو آھين.“

ھن کان اڳ گذريل بابن ۾ بہ سندس گھڻيون ڪرامتون بيان ٿي آيون آھن. ھن ڪرامت ڏسڻ کان پوءِ ماڻھو سندس ھٿ چمي مريد ٿيڻ لڳا.

هن ڪان اڳ پنجين باب ۾ (شاهہ مراد) ۾ چام نندي وارو واقعو هلنڊڙ هو تہ. جڏهن چام نندي هندن جي جاءِ مان بتن ڪي ٻاهر ڪڍڻ جي دانهن بابت، شاهہ مراد ڪي وٽي اچڻ لاءِ ماڻهو موڪليو هو. ان ماڻهوءَ جو نالو چام مارڪ هو. ان ماڻهوءَ اچي شاهہ مراد جو زور سان دروازو ڪڙڪايو. شاهہ مراد ان تي هڪ نظر ڪئي (تہ چام مارڪ جي تقدير بدلجي وئي) پاڻ ان وقت دروازي تي بيٺو هو. چيو وڃي ٿو تہ، ان جاءِ جي دروازي وٽ بيٺو هو. الله تعاليٰ جي قدرت ۾ گُهر سان جنهن مهل چام مارڪ تي سندس فيض ڀري نظر پئي تہ، ان ئي مهل ولايت جي مٿانهين درجي جي ولين مان ولي بنجي ويو ۾ سندس ڪرامت جي چاشنئ جو رهاڪو ۾ خدمتگار بنيو.

ڪجهہ گهڙي گذري تہ، نتر نالي هڪ ماڻهو شاهہ مراد ڪي وٽڻ آيو ۾ اهو بہ زور سان دروازو ڪڙڪائڻ لڳو. شاهہ مراد جي مٿس فيض واري نظر پئي تہ. الله تعاليٰ جي ارادي ۾ شاهہ مراد جي فيض ۾ برڪت سان (شيخ نتر بہ) ڪامل ولي بنجي ويو.

ٿوري دير ڪان پوءِ ٽيون ماڻهو مالہ. ڪي چون ٿا، تہ احمد نالي ماڻهو ڪيس وٽڻ آيو ۾ اڳين ماڻهن وانگر تمام زور سان دروازو ڪڙڪايو. ان سان گڏ اهو ماڻهو اڳين ماڻهن جي حفاظت ۾ جاچ لاءِ بہ آيو هو. شاهہ مراد دروازي تي بيٺي، ان تي فيض ۾ ارشاد واري نظر وڌي تہ، الله تعاليٰ جي حڪم سان اهو ٽيون ماڻهو (مالہ - احمد) بہ ولي بڻجي ويو.

جڏهن چام نندي انهن ٽيني ماڻهن ڪان شاهہ مراد جي ڪرامت ۾ ولايت جي ڳالهہ ٻڌي تہ چوڻ لڳو: "آءٌ شاهہ مراد جي خادمن مان هڪ آهيان. تون هن معاملي ۾ اختيار وارو آهين."

مطلب تہ چام مارڪ، فيض واري نظر سان ڪامل ولي ۾ تارڪ دنيا ٿيو تہ. مائٽ ڪيس گهر وٺيو پئي ويا. بازار ۾ چام مارڪ وادي ڪان خدا ڪارڻ ڪائڻ جي شيءِ گهري. ان بہ ڪائڻ جي ڪنهن شيءِ جو ذرو ڪيس ڏنو. مارڪ ان ڪان اها شيءِ وٺي هلندي بازار ۾ ڪائڻ لڳو. سندس ٽيني مٽن مائٽن ڏسي چيو تہ، هيءُ چريو ٿي پيو آهي. سندس حال بہ پينو فقيرن جهڙو آهي. ائين چئي ڪٽي ڪيس ڇڏيائون.

چام مارڪ اتان خوش ٿيندو. پنهنجي مرشد شاهه مراد جي خدمت ۾ آيو. مرشد کيس ڏنڊڻ آڻڻ لاءِ چيو. چام مارڪ جنهن جاءِ تي هينئر دفن ٿيل آهي، اتي سڄو ڏينهن ڏنڊڻ پچڻ لاءِ ڪبڙ جي وڻن هينان تئي ويو ته، وڻن جي هينان سون ۽ چانديءَ جي وهندڙ نهر ڏسڻ ۾ تئي آيس. پوءِ هيءُ وري ان کي مٽيءَ سان لَٽڻ لڳي تي ويو. سڄو ڏينهن ائين ڪندي گذاري ڇڏيائين. مرشد وري کيس وڻ جي ٽاري نه، پر ڪبڙ جي وڻ جي پاڙ جو ڏنڊڻ آڻڻ لاءِ امر ڪيو. وري به سڄو ڏينهن ساڳي حالت ۾ گذري ويس. نيٺ وڻ جي ٽاريءَ جو ڏنڊڻ پچي ڪٽي آيو. مرشد پڇيس ته: "اي مارڪ! سڄو ڏينهن ڇا پئي ڪيئي؟" (هن سڄي ماجرا ٻڌائي) پوءِ شاهه مراد چيس ته: "تون هاڻي 'البو' يعني بي طمع آهين."

ان کان پوءِ چام مارڪ جو نالو "پير البو" يعني بي طمع پير مشهور ٿي ويو. پوءِ پير البو گهڻو وقت مرشد جي خدمت ڪندو رهيو. ويتر وليءَ مان ڪامل اولياء الله ٿي پيو. مرشد جي حياتيءَ ۾ ئي گذاري ويو. مرشد جي امر سان جنهن جاءِ تي دفن ٿيل آهي، اتي مدفون ٿيو.

**حڪايت:** هڪ ڀيري شاهه مراد، آچر جي ڏينهن پير البي جي زيارت لاءِ تي ويو. عمر نالي هڪ فقير واٽ تي شاهه مراد جي ديدار لاءِ انتظار ۾ ٿي ويٺو. جڏهن شاهه مراد، پير البي تان فاتحه پڙهي، دعا گهري (ٻي واٽ کان) گهر ڏي موٽي آيو ۽ هو (عمر) فقير اتي ماڻهن کان پڇندو رهيو ته، بزرگ گهر ڏي موٽي ويو يا نه؟ ماڻهن چيو ته بزرگ گهر ڏي موٽي ويو. هفتي کاُن پوءِ وري ايندو. فقير (عمر) به سڄو هفتو زيارت لاءِ انتظار ۾ اتي ويٺو رهيو. شاهه مراد وري به دعا گهري موٽي آيو ته، مريدن کيس ٻڌايو ته: "هتي هڪ فقير هفتي کان اوهان جي زيارت ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ ويٺو آهي."

تنهن تي شاهه مراد ان فقير وٽ ويو. الله جي گُهر ۽ بزرگ جي فيض واري نظر سان، انهي وقت اهو فقير الله جي اوليائن مان ولي بنجي ويو. شاهه مراد فقير عمر کان پڇيو ته: "تنهنجو مطلب مقصود ڇا آهي؟" ان فقير عرض ڪيو ته، مون کي پنهنجو مريد ڪر. پوءِ بزرگ پنهنجو هٿ ان کي ڏنو. فقير هٿ چمي ڪٽي اکين تي رکيو. (فقير جي اهڙي سچائي ۽ محبت ڏسي) شاهه مراد کيس فرمايو، "تون سچو بابو آهين." (يعني تون بابو جهڙو آهين، جو شايد ان وقت ڪو مشهور فقير رياضت ڪندڙ هو.)

(اهو عمر فقير "بابو") ڳچ وقت کان پوءِ سير سفر لاءِ ککرالي جي طرف وڃي نڪتو. چورن مال ملڪيت جي گمان ڪري ڪيس ناحق ماري وڌو ۽ هن مرشد جي برڪت سان شهادت جو رتبو ماڻيو. شهادت کان پوءِ پنهنجو سر ترڙيءَ تي کڻي (ننڍي مڪلي) ڏي آيو. هينئر جتي دفن ٿيل آهي، جنهن مهل اتي سنڌس سر پهتو ته، ماڻهن ڏسي چيو: "هيءُ اهو ماڻهو آهي، جيڪو مرڻ کان پوءِ پنهنجو سر ترڙيءَ تي کڻي آيو آهي." پوءِ سنڌس سر، زمين تي اڇي پيو ۽ انهيءَ جاءِ تي ان کي دفن ڪيائون. بابو شهيد سيد نه آهي.

**حڪايت:** شاهه مراد جي زماني ۾ بهاء الدين نالي عابد زاهد صالح شخص هو. اهو شاهه مراد جي زيارت ڪرڻ آيو. بزرگ ڪيس فرمايو: "تنهنجو مقصود ڪهڙو آهي؟" حاجي بهاء الدين عرض ڪيو ته: "مون کي پنهنجي مريدن ۾ شامل ڪر، جيڪي زماني ۾ ظاهر آهن." وڏيڪ عرض ڪيائين: "سهڻو قرب ڪر، جيئن الله توتي سهڻو قرب ڪيو آهي." پوءِ مرشد مٿس فيض واري نظر ڪئي ته، الله جي ولين مان ولايت جي درجي تي وڃي پهتو. ان عابد زاهد بيت الله شريف جو حج به پڙهيو هو.

## باب ستون

# سيد مراد جو حسب نسب

هن جو حسب حيدري، نسب حسيني، وطن شيراز، دل عرفاني، طريقو شرعي، جهانن جو قطب ۽ خاتم المرشدين آهي. (سندس نالو سيد محمد حسين ۽ والد جو نالو سيد احمد آهي.) سندس نالي وار شجرو هن ريت آهي.

سيد (محمد) حسين عرف شاه مراد (وفات 933 ھ) پٽ سيد احمد پٽ سيد محمد شيرازي پٽ سيد محمود شيرازي (وفات 694 ھ مدفن شيراز) پٽ سيد محمد (وفات 714 ھ) پٽ شاه محمود (وفات 753 ھ) پٽ سيد ابراهيم (وفات 645 ھ مدفن شيراز) پٽ سيد قاسم (وفات 620 ھ مدفن شيراز) پٽ سيد زيد (وفات 609 ھ مدفن جنت المعليٰ مکو شريف) پٽ شاه حمزه (وفات 549 ھ مدفن ڪربلا) پٽ شاه هارون (وفات 532 ھ مدفن ڪربلا) پٽ سيد عقيل (وفات 512 ھ مدفن ڪربلا) پٽ سيد عقيل ثاني (وفات 492 ھ مدفن سرمن ريءَ) پٽ سيد اسماعيل (وفات 439 ھ مدفن سرمن ريءَ) پٽ سيد علي اصغر پٽ سيد علي جعفر پٽ سيد محمد پٽ سيد علي نقي پٽ امام علي رضا پٽ امام موسيٰ ڪاظم پٽ سيد امام محمد جعفر پٽ سيد امام محمد باقر پٽ سيد امام زين العابدين پٽ امير المؤمنين سيد امام حسين پٽ علي ابن ابي طالب ڪرم الله وجهه. الله سيني تي رحمتون ڪري! حضرت علي المرتضيٰ، حضور نبي (محمد) ﷺ جن جا سؤٽ آهن.

حضرت محمد ﷺ بن عبدالله بن عبدالمطلب بن هاشم بن عبد مناف بن قصي بن ڪلاب بن مره بن ڪعب بن لوي بن غالب بن فهر بن مالڪ بن نضر بن ڪنانہ بن خزيمہ بن الياس بن مضر بن نزار بن معد بن عدنان بن اد بن همسع بن ارد بن حمل بن قيدار بن اسماعيل بن ابراهيم خليل الله. سيني نبين سڳورن ۽ صالحن تي الله تعاليٰ جون رحمتون هجن!

اهڙيءَ طرح ڪتاب "سيرت گاذروني" جي باب "ذڪر آباء النبي ﷺ" ۾ آيل آهي.

سيد مراد جي نسب جو سلسلو حضرت نبي محمد ﷺ جن تائين ستاويهن (27) واسطن سان پهچي ٿو. يعني سندس ابتدائي نالي سيد حسين

ڪان وٺي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تائين. اهڙيءَ ريت محمد ﷺ جن ڪان وٺي ابراهيم (خليل الله) عليہ السلام تائين بہ ايترن واسطن سان نسب جو سلسلو ملي ٿو.

ٻارنهن امام آهن، انهن مان ست خلافت سان نوازيل هئا: 1. امام زين العابدين 2. امام جعفر صادق 3. امام موسيٰ ڪاظم بن جعفر صادق 4. امام شاهہ علي بن موسيٰ ڪاظم 5. امام محمد تقي 6. امام علي نقي بن امام محمد تقي 7. امام حسن عسڪري بن امام علي نقي رضي الله عنهم.

چوڏنهن (14) معصومن جي رتبي تي هي ٻالارا پهتل آهن: 1. محمد ڪبر بن (علي) المرتضيٰ 2. عبدالله بن امام حسن 3. علي (زين العابدين) بن حسين 4. حسين بن زين العابدين 5. صالح بن امام محمد باقر 6. علي اصغر بن محمد باقر 7. عبدالله بن امام جعفر صادق 8. يحيٰ بن امام جعفر صادق 9. صالح بن امام موسيٰ ڪاظم 10. طيب بن امام موسيٰ ڪاظم 11. جعفر بن امام تقي 12. جعفر بن امام حسن 13. قاسم بن امام محمد مهدي 14. امام محمد مهدي صاحب الزمان.

اهڙي طرح ڪتاب "شجرة السادات الطيبين الطاهرين" ۾ لکيل آهي.

امام زين العابدين کي بہ فرزند هئا: 1. محمد باقر 2. عبدالله. حضرت شاهہ مراد، محمد باقر جي اولاد مان آهي.

# باب اٺون

## قطب الارشاد سيد مراد شيرازي جا فيض وارا خليفا

سيد شاهہ مراد جا مريدن جي خدمت ۽ سار سنڀال لاءِ اسي (80) خليفا آهن. اهي فيض وارا خليفا رات ڏينهن هر وقت مرشد جي مريدن جي خدمت لاءِ هڪيا حاضر ويٺا هوندا هئا. انهن سيني خليفن مان وري چار وڏا خليفا فيض يافتہ هئا. 1. پير البو 2. (شيخ) نٿر 3. حسين صفائي (هن ڪتاب تذڪرة المراد عربيءَ جو مصنف) 4. احمد. ڪي چون ٿا تہ (شيخ) مالہ چوٿون خليفو هو. مرشد جي فيض ۽ برڪت واري نظر سان اهي چار ئي وڏا خليفا الله جي اوليائن مان ڪامل ولي هئا.....

سيني خليفن ۾ "پير البو" خلافت فضيلت ۾ مشهور هو.

پڻ محمد مصطفيٰ ﷺ جن جا چار خليفا مشهور آهن. 1. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه 2. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه 3. حضرت عثمان غني ذوالنورين رضي الله عنه 4. حضرت علي حيدر ڪرار رضي الله عنه.

رسول الله ﷺ جن وٽ اسي (80) اصحابي رهندا هئا، جن کي "اصحاب صفه" چئبو هو. هي نبي پاڪ ﷺ جن جا سچا عاشق ۽ سر ساهہ صدقي ڪرڻ وارا سرويچ هئا. اهي اصحاب صفہ وارا هميشہ رسول الله ﷺ جن جي مسجد نبويءَ (لڳ صفہ) ۾ رهندا هئا.

هي اسي (80) ڄڻن جي تعداد جو رڳو مثال آهي. باقي اصحاب صفہ وارن سان فضيلت، سخاوت، عبادت، شجاعت ۽ همت ۾ ڪير بہ مٽ نہ آهي.

نبي ﷺ جن کان پوءِ سيني ماڻهن ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه پلارو آهي. اولياء الله بہ خلق ۾ داخل شامل آهن. خلفاء راشدين ۽ نبي ﷺ جن جا سڀ اصحاب سڀئورا سيني اوليائن کان وڌيڪ پلارا آهن.

اهڙيءَ طرح شاهہ مراد جا خليفا بہ ان وقت جي ٻين ولين جي خليفن کان شان ۾ سوايا آهن. انهن جي وچ ۾ آسمان زمين جيترو فرق سمجهون ٿا. پوءِ هي تعداد ۾ مناسبت مثال طور آهي. حضرت شاهہ مراد رحمتہ الله عليہ هر ڪم ۾ شريعت جو عامل ۽ طلبگار هو.

**حڪايت:** هڪ ڏينهن سيد شاهه مراد جي مجلس ۾ خليفا وينا هئا. انهن خليفن عرض ڪيو تہ: "يا مرشدي! (دلي تمنا آهي تہ) اوهان سان گڏ هلي (ڪعبۃ الله جو) حج ڪريون."

شاهہ مراد خليفن کي چيو: "اسان تي حج فرض نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ آءٌ (دنيا کي ڇڏيندڙ) تارڪ فقير آهيان. آءٌ هن وقت بہ الله جو گهر (بيت الله) اکين سان ڏسي رهيو آهيان. رستي ۾ اهل البدعتہ ماڻهو رهن ٿا. ان سبب ڪري اسان اوڏانهن ڪونہ ٿا وڃون." خليفن عرض ڪيو تہ، "سائين اهل البدعتہ مان ڪهڙا ماڻهو مراد آهن؟" شاهہ مراد ارشاد فرمايو: "اهي رافضي ماڻهو آهن. انهن کان الله تعاليٰ جي پناهہ ٿا گهرون! انهن رافضين جي سبب ڪري ئي اسان جي وڏن پنهنجو وطن (شيراز - ايران) ڇڏيو ۽ (پيار ۽ امن واري سر زمين) سنڌ ۾ اچي رهيا."

هن ڳالهہ کان پوءِ خليفن ڏي فيض جي نظر سان ڏٺائين تہ سڀيئي خليفا مڪاشفي وارا ٿي ويا (يعني انهن جي سامهون حجاب هٽي ويا) مرشد وانگر اتي ويٺي ڪعبۃ الله جو ديدار ڪيائون.

شاهہ مراد جا خليفا سندس حياتيءَ ۾ گذاري ويا هئا. ان ۾ بہ حڪمت آهي. الله تعاليٰ جي حڪمتن مان هيءَ حڪمت بہ حڪمت کان خالي نہ آهي.

محمد مصطفيٰ ﷺ جن جا خليفا سندن وصال کان پوءِ هن دنيا مان گذاري ويا. ان ۾ بہ حڪمت آهي، ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اهي نبي پاڪ جا خليفا سندن حياتيءَ ۾ اڳ ئي گذاري وڃن ها تہ، پوءِ نبي ﷺ جن جي وصال کان بعد نبي ﷺ جن جي ظاهري غير موجوگيءَ ۾ جهان برباد ٿي وڃي ها، ڇو تہ دنيا جهان جو نظام نبي ﷺ جن جي نبوت تي موقوف ۽ بيٺل آهي.

شاهہ مراد جي خليفن جي حياتي ۽ مماتي هڪ جهڙي آهي، ڇاڪاڻ تہ بيشڪ شاهہ مراد جو پنهنجو اولاد سندس وفات کان پوءِ سندس گادي نشين ٿيو. ڪرامت ۽ طريقت جو سلسلو سنڀاليو. اهي سڀ هن ذڪر ڪيل ڪمن ۾ محقق آهن. جيئن مشهور آهي "فعل الحڪيم لا يخلوا عن الحڪمتہ" يعني حڪيم جو ڪم حڪمت کان خالي نہ هوندو آهي. هيءَ مناسبت جو مثال تعداد ۾ آهي، باقي سيني ڪمن ۽ فضيلت ۾برابر نہ آهي.

ان ڪري مصنف (حاجي حسين صفائي نتوي) چوي ٿو: "اي انسانو! ڄاڻو ته هي مرشد ۽ مريدن جو جيڪو تعداد ۾ مثال بيان ٿيو آهي، اهي سڀ مرشد ۽ مريد، حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جا امتي آهن. اسان سڀ (مرشد ۽ مريد) نبي پاڪ ﷺ جن جي شفاعت جا اميدوار آهيون. هو رحمة اللعٰلمين - جهانن لاءِ رحمت آهي. قيامت جي ڏينهن اسان ۽ سڀني گنهگارن جي شفاعت ڪندڙ آهي. اي الله! اسان کي دين محمدي تي متقي پرهيزگار ڪري جيئار ۽ مار. اي الله! اسان کي پنهنجي ديدار جي نعمت نصيب ڪر. اسان کي محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي شفاعت کان نااميد نه ڪر. اي الله! نبي پاڪ ﷺ جن جي اهلبيت جي صدقي اسان کي دنيا ۾ سندس (فرمانبردار) امت ۾ داخل ڪر. قيامت ۾ سندس دين اسلام تي اٿار. آخر ۾ سندس (شفاعت جي) جهنڊي هيٺان ٻيهڻ نصيب ڪر ۽ اسان کي نبي پاڪ ﷺ جن جي شفاعت جو حقدار ڪر! (آمين)."

---

## باب نائون

# شاهہ مراد جي نَون مريدن لاءِ تلقين جو بيان

جڏهن ڪو ماڻهو شاهہ مراد وٽ (مريد ٿيڻ لاءِ) ايندو هو تہ، پاڻ ان ڪان پڇندو هو: "تون مون وٽ ڪيئن آيو آهين؟" اهو ماڻهو عرض ڪندو هو تہ، "مون کي پنهنجي خادمن ۾ داخل ڪريو." پوءِ پاڻ پنهنجو هٿ ان مريد ڏي وڌائيندو هو تہ، اهو مريد محبت ۽ عزت خاطر سندس هٿ چمي اکين تي رکندو هو.

پاڻ ان نئين مريد کي پهريان ئي روزا رکڻ جو امر ڪندو هو. هر حال ۾ سچ چوڻ لاءِ تاڪيد ڪندو هو. پوءِ ان سچ چوڻ جي ڪري ٻڌندڙ خوش ٿئي يا رنج ٿئي. وڌيڪ نصيحت ڪندا هئا تہ: "حق جو طالب هر حال هر ڪم ۾ شريعت تي ثابت قدم رهي.

ڪوڙ ڪپت، خراب ڳالهين، گلا غيبت، چغلي بهتان، تعزيہ تي روئڻ پٽڻ ۽ دف (دهل) وڄائڻ، جيتوڻيڪ نڪاح لاءِ هجي، انهي سڀني ڳالهين ڪان (مريد کي) منع ڪرڻ جي تلقين ۽ هدايت ڪندا هئا.

"جيڪو بہ انهن ڪمن جي موافقت ۽ هميشگي ڪندو، اهو منهنجو مريد آهي، آءٌ ان جو مرشد آهيان."

ان ڪان پوءِ مريد کي تلقين ڪندا هئا، چئو تہ: "آمنت باالله ڪما هو باسمآئہ و صفاتہ و قبلت جميع احڪامہ"

(ترجمو: مون ايمان آندو الله تعاليٰ تي، جيئن هو پنهنجن نالن ۽ صفتن سان آهي ۽ مون ان جا سڀ حڪم قبول ڪيا.)

آمنت باالله و ملائڪتہ و ڪتبہ و رسلہ واليوم الاخر و القدر خيره و شره من الله تعاليٰ و البعث بعد الموت.

(ترجمو: مون ايمان آندو (الله تي)، سندس فرشتن تي، سندس ڪتابن، سندس رسولن ۽ قيامت جي ڏينهن ۽ ان ڳالهہ تي تہ، هر هڪ چڱائي ۽ برائي ان جي قدرت ۽ علم ڪان آهي ۽ موت ڪان پوءِ زندهہ ڪرڻ تي.)

آءٌ چوان ٿو: اشهد ان لا الـہ الاالله وحده لاشريڪ لہ و اشهد ان محمداً عبده و رسوله.

(ترجمو: آءٌ شاهدي ڏيان ٿو، تہ الله تعاليٰ ڪان سواءِ ڪو بہ عبادت جو لائق نہ آهي، هو اڪيلو آهي ۽ آءٌ شاهدي ڏيان ٿو، تہ محمد ﷺ ان جو ٻانهو ۽ رسول آهي.")

(هر مريد لاءِ سندس اها جامع تلقين هوندي هئي.)

هن وقت يادگيريءَ ۾ نصيحت طور عيد جي ڏينهن اها پوري تلقين، سندس اولاد جي سامهون پڙهندا آهن. اهو تلقين ۾ نصيحت جو سلسلو سندس وقت کان هن وقت تائين هليو ٿو اچي ۽ جاري آهي.

اي مريدو! چاڻو ته حضرت شاهه مراد وٽ سماع (راڳ) ڪونه هو. جيئن هينئر عيد ۾ ٻين (شادين مرادين) جي موقعن تي دف (دهل وڄايو ۽) راڳ رنگ ڪيو وڃي ٿو. اهو سڀ غير مشروع يعني جائز نه آهي.

ڪن ماڻهن چيو، ته ڪتاب جي مصنف تي هيءُ شبهو اعتراض آهي، ڇاڪاڻ ته مصنف ڪتاب جي هر باب ۾ اهو لکيو آهي ته: "شاهه مراد شريعت جو پابند هو". ان ڪري (راڳ جي منع ڪرڻ جي) هتي هي ڳالهه لکي اٿس؟

مصنف (حاجي حسين صفائي) جواب ۾ چوي ٿو ته: انهن معترضن جو دليل هيءُ حديث آهي:

"حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه!، رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ آيا ته، ٻه ڇوڪريون دف وڄائي رهيون هيون. اهو عيد جو ڏينهن هو. انهن وٽ رسول الله ﷺ جن وينا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه! انهن کي جهڙڪيو ۽ روڪيو ... رسول الله ﷺ جن فرمايو: "اي ابوبڪر رضي الله عنه! انهن کي ڇڏي ڏي. هر قوم جي خوشي عيد آهي. هيءُ اسان جي عيد، خوشي آهي."

ان ڪري هن حديث مان ڪراهت معلوم ڪانه ٿي ٿئي.

شاهه مراد پنهنجي تلقين ۾ چيو آهي ته: "آءٌ بدعت کان بيزار آهيان ۽ آءٌ سنت جماعت جو آهيان."

هيءُ دليل تلقين ۾ موجود آهي.

(ڪتاب) "الدستور" جي مصنف لکيو آهي ته. "سماع (راڳ ٻڌڻ) ۾ ڇهه شرط آهن:

1. ان (سماع جي) مجلس ۾ سهڻا ڇوڪرا نه هجن.
2. سڀ هڪ خيال ۽ جنس وارا هجن يعني فاسق، اهل دنيا ۽ عورتون به نه هجن.
3. سماع ڪندڙ قوال جي نيت سچي هجي. ماني ۽ ڪاڏي پيتي جو ارادو ۽ نيت نه هجي.
4. ماڻهو به ڪاڻ پيڻ لاءِ گڏ نه ٿين.

5. ماڻھو سبب يا علت کان سواءِ نہ اچن يا پرائي پچار ۾ گلا غيبت نہ ڪن.

6. هرو ڀرو سماع ٻڌڻ وقت وجد ڪرڻ، جهومڻ، ٽپا ڏيڻ نہ گهرجن. جيڪر حقيقي طور وجد ٿئي تہ منع نہ آهي، ڇاڪاڻ تہ ڪن الله وارن عارفن چيو آهي تہ، "ڦند ۾ ڪوڙو وجد ڪرڻ گلا غيبت کان بہ سخت گناھ آهي."

حاصل مطلب تہ، سماع جي باري ۾ اجازت جنيد بغدادي (وفات 297 هجري) رحمة الله عليه جي زماني ۾ بہ ڪانہ هئي. ان بہ سماع (ڪرڻ ۽ ٻڌڻ) کان توبهہ ڪئي هئي.

سوال: سماع ۾ رقص ناچ جائز آهي؟

جواب: جائز نہ آهي.

ڪتاب "الخلاصة" ۾ فتويٰ نقل ڪيل آهي تہ: "غير شرعي آواز ٻڌڻ، تلوار جي وار وانگر (ايمان ڪي وڍيندڙ) ۽ حرام آهي."

"الدستور" ڪتاب جي مصنف لکيو آهي: "هن روايت موجب دف، دهل، شرناء وڄائڻ وغيره اجايو وقت وڃائڻ جو ڪم آهي. شاديءَ جي رات نڪاح وقت اهي ساز آواز حرام آهن. جڏهن تہ انهن (سازن سرودن وڄائڻ) کان سواءِ بہ نڪاح جو اعلان حاصل ٿي سگهي ٿو، ان ڪري حرام آهي. تنهنڪري ماڻهن کي شاديءَ جي رات نڪاح وقت (ساز سرود) وڄائڻ کان روڪيو وڃي."

جيئن معترض، حضور ﷺ جن جي هن قول مان ساز ۽ سماع جي جواز جو دليل وٺن ٿا: "اعلنوا النڪاح ولو بالدف" مطلب تہ نڪاح جو اعلان ڪريو توڙي دف سان.

ڇاڪاڻ تہ حديث جو مقصد آهي، نڪاح جو اعلان ۽ هرويرو دف جو وڄائڻ مقصد نہ آهي. جيڪڏهن ان جو دف وڄائڻ مقصد هجي ها تہ، حديث جا لفظ هن نموني اچن ها: "اعلنوا النڪاح بالدف" يعني نڪاح جو دف سان اعلان ڪريو. پوءِ دف وڄائڻ مباح نہ آهي. اهڙي طرح ڪتاب "حساب الاحتساب" ۾ ذڪر آيل آهي.

حضرت سيد شاھ مراد جي حياتيءَ کان هي سهڻو سلسلو هلندڙ آهي تہ، جڏهن عيدن جي نماز تان پاڻ جاءِ تي موٽندو هو تہ، ڪجهہ وقت صفي ۾ اچي ويهندو هو. وٽس مجلس ۾ قرآن شريف جا حافظ قرآن شريف جي تلاوت ڪندا هئا. اهو سلسلو اڄا (تائين) سندس پونير اولاد وٽ جاري آهي.

اي الله! سندس اولاد کي سندس طريقي تي ثابت قدم رک! يا اڪرم الاڪرمين يا ارحم الراحمين!

## باب ڏهون

# شاهه مراد طرفان مريدن کي ٻين اولياءُ الله جي زيارت ۽ انهن وٽ وڃڻ جي اجازت ڏيڻ جو بيان

حضرت شاهه مراد رحمة الله عليه پير البي جي حق ۾ فرمايو ته: "اي مارڪ! (پير البي جو اصل نالو) تنهنجي پڳ آخر زماني ۾ ظاهر ٿيندي."

مصنف (حاجي حسين صفائي ٺٽوي) چوي ٿو ته، هن عبارت مان مراد آخر زماني ۾ ڪرامت ۽ ولايت سان سندس نالو مشهور ۽ روشن ٿيڻ آهي.

جيئن پنهنجي وڏي ڀاءُ سيد علي (اول) شيرازي (وفات: 877 هـ) جي حق ۾ چيو هئائين. هڪ دفعي سيد شاهه مراد گهوڙي تي چڙهيو پئي آيو. (سيد علي) سندس گهوڙي جي اڳيان اڳيان پنڌ هلندو پئي آيو. دل ۾ خيال ڪيائين ته، آءٌ به ٻين سيني مريدن وانگر آهيان. شاهه مراد جڏهن باطني فراست ۽ ڪشف ذريعي پنهنجي ڀاءُ (سيد علي) جو دلي ارادو ۽ خيال معلوم ڪيو ته پوءِ ان جي حق ۾ چيو: "ابيضڪ الله في الدنيا والاخره" مطلب ته الله تعاليٰ تنهنجو (منهن) دنيا ۽ آخرت ۾ روشن ۽ چمڪدار ڪري!

وڌيڪ اهو به فرمايو ته: "اسان جي اولاد مان جنهن جي عمر وڏي ٿيندي، اهو علم تفسير، حديث ۽ فقه ۾ ماهر هوندو ۽ انهن علمن تي عمل به ڪندو."

(ڪتاب جو مصنف حاجي حسين صفائي) چوي ٿو ته، اهو حق آهي، پاڻ جيئن فرمايائين ائين ٿيو .....

شاهه مراد جي مريدن مان ڪنهن پڇيو ته، اسان مريدن مان ڪو مريد (ٻين) اوليائن جي زيارت ڪرڻ وڃي ته اجازت آهي؟

(ان سلسلي ۾ هيءَ حڪايت مشهور آهي)

**حڪايت:** شاهه مراد جي مريدن مان الهه ڏني نالي مريد هو، پر ان جو پنهنجي مرشد ۾ ڪامل اعتقاد ڪونه هو. ان جي ڪري مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هر جمعي تي شيخ (پير) پٺي (وفات 606 هـ) رحمته الله عليه جي درگاهه تي ويندو هو. (الهڏني ڪي) پنهنجي پيڻ جهليو ته، "اي منهنجا ڀاءُ! اسان کي

پنھنجي مرشد طرفان بين اوليائن تي مقصد ڪٽي وڃڻ جي منع ٿيل آهي. (باقي رڳو زيارت ڪرڻ جي اجازت آهي.)"

ان شخص پنھنجي پيڻ کي چيو تہ، "توکي ڪھڙي خبر؟ شاه مراد وٽ ماڻھن جي تمام گھڻائي ۽ مصروفيت آهي. پير پني تي واندڪائي ۽ فرصت آهي."

پوءِ اي مريدو ڇاڻو (تہ الله وارن جي غيرت آهي) ۽ ٻڌو! تہ اهو شخص هڪ ڏينھن گھر ۾ ويٺو هو. هڪ سوالي عورت خيرات وٺڻ لاءِ اتي آئي. (الھڏني ڪي ڏسي ان سوالي عورت چيو) "اي الھڏنا! منھنجي متي ۾ سخت سور هو. ائين هڪ رات مون کي ننڊ اچي وئي ۽ مون خواب ۾ ڏٺو تہ، هڪ (بزرگ) ماڻھو بيٺو آهي. چوي ٿو تہ: اي منھنجا خادمو! هن عورت کي وٺو ۽ سر ڪپيو ۽ هن مان سور ٻاهر ڪڍو. منھنجو متو وڍي سور ۽ بيماري ڪڍيائون تہ منھنجي متي جو سور لھي ويو. (ڇرڪ ڀري) ننڊ مان جاڳي پيس. جيئن خواب لڌو هوم تيئن سور بہ لھي ويو."

(الھڏني) اهو خواب جو واقعو ٻڌي، ڳالھہ ڦيرائي پنھنجي پيڻ کي سمجھائيندي چيو تہ، پير پني جي ڪرامت ڏٺئي؟ شاه مراد وٽ تہ ڪنھن بہ ڪم ڪرڻ جي فرصت ئي ڪانھي. سندس پيڻ تہ چپ ٿي وئي، پر ان ڳالھہ ۽ پاڻ جي هن عادت کان پريشان رهندي هئي.

سندس پاڻ هر جمعي تي پير پني تي ويندو رهيو. ائين ڪندي ڪجھ عرصو گذريو ۽ سندس پيڻ هڪ رات خواب لڌو تہ، ماڻھو شھر مان ٻاهر نڪتا بيابان ڏي پيا وڃن. ماڻھن کان پڇيائين تہ، "ڪيڏانھن ٿا وڃو؟" اهي ماڻھو چوڻ لڳا: "حضرت شاه مراد جي مريدن مان هڪ مريد (پنھنجي مرشد کي ڇڏي) پير پني وٽ مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ٿو وڃي. هينئر مرشد ان کي مارڻ جو حڪم ڪيو آهي. ان ڪري اسان (ان کي مارڻ لاءِ) اوڏانھن پيا وڃون."

پوءِ عورت چيو تہ، "آءٌ بہ توهان سان گڏ هلان ٿي." ماڻھو هلندي شاه مراد جي درگاه تي ڏاڪڻ وٽ هيٺ پھتا ۽ اچي ان شخص تي مڙيا. اوچتو اهو شخص رستي ۾ مئو پيو هو. پوءِ مون ان مئل شخص جي مُنھن ڏي ڇتائي ڏٺو ۽ سڃاتم، تہ هيءُ منھنجو پاڻ آهي. پوءِ ان تي تمام گھڻو روئڻ لڳيس ۽ روئڻ جي ڪري ننڊ مان جاڳي پيس، اها ڇنڇر جي رات هئي.

منهنجو ڀاءُ جمعي تي پير پٽي تان ٿي گهر آيو. اچي ستو. ڇنڇر جي ڏينهن صبح جو آءُ ڀاءُ جي گهر ويس ته، راتوڪو خوفناڪ خواب ڀاءُ کي وجي ٻڌايان.

جڏهن سندس گهر جي دروازي وٽ پهتيس ۽ ماڻهن کان ٻڌم ته، تنهنجو ڀاءُ مري ويو. (يعني خدا جي قدرت سان خواب حقيقت بنجي چڪو هو.) تڪڙي ان وٽ اندر ويس. وڃي ڏٺم ته سندس وات ۽ نڪ مان رت وهي رهيو آهي. پوءِ آءُ ته دانهون ڪري روئڻ لڳيس. مون پوءِ اهو خواب ڀاءُ جي وفات بعد ٽئين ڏينهن ماڻهن کي ظاهر ڪري ٻڌايو (ته ماڻهو اچرج ۾ پئجي ويا!)

# باب يارهون

## قطب الاقطاب سڳوري سيد جي ڀلائي ۽ ڄمار جو بيان

(مشهور آهي تہ) سيد عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ (بغدادي، 470 ھ - 561ھ) جو ڪل ولين جي مٿان قدم آهي، پر ٻئي (سيد عبدالقادر جيلاني ۽ سيد حسين شاھ مراد شيرازي نٿوي) محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي اولاد هجڻ ڪري برابر آهن. حضرت سيد شاھ مراد (سيد عبدالقادر جيلانيءَ کان سواءِ) گهڻن اوليائن کان شان ۾ سرس ۽ فيض بزرگيءَ ۾ ڀلارو آهي.

**حڪايت:** ڪنهن مڪاشفي واري اولياء خواب ۾ ڏٺو تہ، سيد (عبدالقادر جيلاني) رسول الله ﷺ جن جي ساڄي پاسي ويٺو آهي ۽ سيد مراد، رسول الله ﷺ جن جي سٿر مبارڪ تي ويٺو آهي. ان بزرگ حضور ﷺ جن کان عرض ڪري پڇيو تہ: "سيد مراد اوهان جي سٿر مبارڪ تي ويٺل آهي ۽ سيد عبدالقادر جيلاني اوهان جي ساڄي پاسي ويٺو آهي؟"

رسول الله ﷺ جن فرمايو: "هائو، ٻئي منهنجو اولاد آهن ۽ منهنجي سنت تي هلندڙ پيروڪار آهن. خاص ڪري (هن وقت) منهنجو هيءُ پٽ (سيد مراد) هر هڪ قول ۽ فعل ۾ منهنجي شريعت جي تابعداريءَ ۾ سڀ کان وڌيڪ موافق آهي."

**سوال:** سيد عبدالقادر جيلانيءَ جي خادمن مان ڪنهن خادم هن باري ۾ بحث ڪيو تہ، سيد عبدالقادر بالاتفاق سڀني اوليائن کان ڀلارو آهي. ان لاءِ سندس هيءُ قول مشهور آهي: "ان جو قدم اوليائن جي مٿان آهي." ان لاءِ توهان جو ڪهڙو جواب آهي؟

**جواب:** اسان لاءِ ان واسطي قرآن شريف ۾ بيبي مريم سلام الله عليها جي قصي ۾ دليل موجود آهي:

(يا مريم) ان الله صطفٰک و طهرك و صطفٰک عليٰ نساءِ العالمين.

(پارو 3، سورت آل عمران، آيت 41)

(ترجمو: بيشڪ الله توکي چونڊيو ۽ توکي پاڪ ڪيو ۽ اچ توکي جهانن جي عورتن تي چونڊيو.)

هتي بيبي مريم جي ڀلائيءَ مان مراد سندس وقت جي عورتن تي ڀلائي آهي.

ان سان گڏ چيو اٿن تہ، حضرت خديجہ رضي الله عنها، حضرت عائشہ رضي الله عنها ۽ حضرت فاطمہ رضي الله عنها بالاتفاق بيبي مريم کان شان ۾ ڀلاريون آهن.

(مثال طور) اهڙي طرح سيد عبدالقادر جيلانيءَ جو قدم بہ پنهنجي وقت جي اوليائن تي هو. اسان جو مرشد (سيد شاه مراد) ٻي وقت ۾، ۽ انهيءَ قول کان مستثنيٰ يعني جدا ٿيل آهي. جيئن ان جو دليل قرآن شريف مان بيبي مريم سڳوريءَ جي قصي مان مٿي ڏنو ويو آهي.

ان جو دليل طوفان جي دعا ۾ آيو آهي، جيڪو سندس اخلاق واري باب ۾ گذري آيو. (؟)

ان سان گڏ اسان اهو چيو آهي تہ، بيشڪ اسان جو مرشد حضرت سيد مراد ان سان برابر آهي، ڇاڪاڻ تہ ٻئي نبي ﷺ جن جا اهلبيت (اولاد) آهن.

اسان اهو ڪونہ ٿا چئون تہ، مرشد شاه مراد، سيد (عبدالقادر جيلانيءَ) کان وڌيڪ ڀلارو آهي، پر اسان انهن ٻنهي کي (پنهنجي پنهنجي وقت ۾) ڀلائيءَ ۾ هڪجهڙو مڃون ٿا.

اهڙي طرح اهڙو سوال وقت جي قطب مخدوم سرور نوح هالائي رحمتہ الله عليہ (وفات: 998 هہ) کان بہ پڇيو ويو هو تہ: "يا مخدوم! سيد (عبدالقادر جيلاني) چيو آهي: "منهنجو هر وليءَ جي مٿان قدم آهي." ان جي معنيٰ ۽ مطلب ڇا آهي؟"

مخدوم سرور نوح رحمتہ الله عليہ فرمايو: "هائو! اها ڀلائي سندس زماني ۾ هئي."

محمد رسول الله ﷺ جن جي ڀلائي اول کان آخر تائين هڪ جهڙي آهي. ان کان اڳ ۾ يا بعد، ڪوبہ شان ۾ وڌيڪ ڀلارو نہ آهي.

باقي اوليائن واسطي پنهنجي پنهنجي وقت ۽ زماني ۾ شان ۽ ڀلائي هوندي آهي.

شاه مراد جي ولادت 830 هجري تي ٿي. (حاشيہ تذڪرة المراد عربي قلمي ص. 31) حضرت سيد مراد جي عمر، نبي ڪريم ﷺ جن جي عمر جيتري ٽيهٺ (63) سال هئي.

---

## باب ٻارهون

# شاهه مراد جي وفات جو بيان

حضرت شاهه مراد جي هن فاني دنيا مان موڪلائي دارالبقا ڏي لاڏاڻي ڪري وڃڻ بابت مختلف ڳالهيون آهن.

هن ڳالهه تي سيني اتفاق ڪيو آهي، تہ حضرت شاهه مراد جو وصال ربيع الاول ۾ ٿيو آهي. ڪن مريدن جو چوڻ آهي تہ، سندس وصال وقت مهيني ربيع الاول جو ٻيو ڏينهن هو. هن مهيني جو چنڊ خميس جي رات ڏٺو هو. ان سبب ڪري درگاهه تي ماڻهو جمعي تي اچي گڏ ٿين ٿا.

ڪن چيو آهي تہ، ان مهيني جو چنڊ آچر جي رات ڏٺو هو. ان ڪري ٻيو ڏينهن (يا ٻي تاريخ آچر؟ (سومر) جو ڏينهن ٿيندو.

مطلب تہ شاهه مراد جو وصال ٻي تاريخ، ربيع الاول مهيني ۾ ٿيو. سومر جو ڏينهن سنہ 893 هجري هو.

هن سنڌ ملڪ ۾ سندس عرس مشهور آهي. پوءِ سيد علي ثاني (وفات: 981 هجري) جي هٿان هيءُ عرس گهڻو مشهور ٿيو. سيد علي ثاني، شاهه مراد جي پاڻٽي (سيد جلال بن سيد علي اول) جو پٽ هو.

سيد علي اول (ولادت: 795 هه - وفات: 877 هه) شاهه مراد جو سڳو ڀاءُ آهي. سيد علي ثاني، شاهه مراد جي تاريخ وصال بابت ٻہ سبب ڏنا آهن.

1. ان جي نندي ڏاڏي ربيع الاول جي ٻئي ڏينهن (تاريخ) تي وفات ڪئي.

2. حضرت سيد مراد رحمتہ الله عليہ جي وڏي ڏاڏي محمد رسول الله ﷺ جن ربيع الاول جي ٻي يا ٻارهين (تاريخ تي برقعو مٽايو) (ٻارهين ربيع الاول تي) سڀ متفق آهن.

اصل ۾ سيد علي (؟) رحمتہ الله عليہ جي وقت ۾ شاهه مراد جو عرس مسجد ۾ ٿيندو هو. اهو عرس شروع ربيع الاول جي ٻي تاريخ تي ٿيندو هو.

هن وقت عرس جي ابتدا ربيع الاول جي پهرين تاريخ کان ٿئي ٿي.

جيئن سيد علي رحمة الله عليہ ٻنهي جهانن جي سردار محمد رسول الله ﷺ جن جي برقعي مٽائڻ بابت ٻہ مختلف قول (ڪتابن ۾) ڏنا. اهڙي طرح نبي ﷺ جن جي برقعي مٽائڻ بابت مختلف روايتون آهن.

ڪتاب مواهب (اللدنيہ) ۾ آهي تہ، رسول الله ﷺ جن ربيع الاول جي ٻي تاريخ تي برقعو مٽايو. اهو سومر جو ڏينهن منجهند جو وقت هو. پاڻ سڳورن جي هن دنيا ۾ تشريف آوري بہ سومر جي ڏينهن تي هئي ۽ مديني منوره ۾ سومر جي ڏينهن منجهند جو پهتا هئا ۽ مڪو شريف فتح بہ سومر جي ڏينهن منجهند جو ٿيو هو.

(نبي ﷺ جن جي برقعي مٽائڻ بابت) اڪثر روايتن ۾ اتفاق آيو آهي تہ، ربيع الاول مهيني جي ٻارهين تاريخ هئي.

پوءِ ڄاڻو تہ نبي ﷺ جن بنا شڪ شبهي سومر جي ڏينهن برقعو مٽايو آهي.

ابن مسعود رضي الله عنہ جي حديث ۾ آهي تہ، نبي ﷺ جن جي برقعي مٽائڻ واري تاريخ يارهين رمضان المبارڪ آهي. ان حديث کي "بزاز" روايت ڪيو آهي.

ٻي روايت موجب، اتفاق سان مهينو ربيع الاول (12 تاريخ) سومر جو ڏينهن منجهند جو وقت هو. ائين "قاضي بيضاوي" لکيو آهي. الله تعاليٰ حقيقت حال وڌيڪ ڄاڻندڙ آهي ۽ الله تعاليٰ ڏي موٽڻو آهي.

—— پورو ٿيو ——

پوءِ ان ڪري الله تعاليٰ جو تمام گهڻو حمد ۽ شڪر آهي.

[ڪتابت: 3- ربيع الاول 1347 هجري]

## ساڻي ۽ سونهان

(مترجم جي مهاڳ ۾ حوالي طور آيل ڪتاب)

1- "تحفة الزائرين"- از مولوي محمد طفيل احمد نقشبندي، اردو، حصو 3، ڪراچي، 1988ع

2- "تحفة الطاهرين"- شيخ محمد اعظم ٺٽوي فارسي- سنڌي ادبي بورڊ ڪراچي، 1956ع

3- "تحفة الطاهرين"- (سنڌي ترجمو) عبدالرسول قادري بلوچ، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1990ع

4- "تحفة الڪرام" مير علي شير "قانع" ٺٽوي، فارسي، مطبع ناصري دهلي

5- "تحفة الڪرام" (سنڌي ترجمو) مخدوم امير احمد، سنڌي ادبي بورڊ 1958ع

6- "تذڪره اولياء سنڌ" محمد اقبال نعيمي، اردو، شارق پبليڪيشنز ڪراچي 1987ع

7- "تذڪره صوفياء سنڌ" اعجاز الحق قدوسي، اردو، اردو اڪيڊمي سنڌ ڪراچي، 1975ع

8- "تذڪرة المراد" (عربي- قلمي) شيخ محمد حسين صفائي ٺٽوي

9- "تذڪره مشاهير سنڌ" مولوي دين محمد وفائي، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، جلد 3، 1986ع

10- "شاهه جو رسالو" مرتب: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، علامہ قاضي رسالو تحقيقي رٿا، حيدرآباد، 1999ع

11- "ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون"- سيد حسام الدين راشدي، انجمن تاريخ سنڌ، ڪراچي، 1981ع

12- "مختصر تاريخ سنڌ"- سيد محب الله بکري، مترجم عبدالرسول قادري، سکر سيمينار سکر، سنڌ، 2001ع

13- "معارف الانوار في بيان سيد الابرار وائمتہ الاطهار و بيان احوال قطب المختار" (فارسي- قلمي) از محمد صالح بن زڪريا ٺٽوي

14- "مڪلي نامہ"- مير علي شير قانع، مرتب: سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1967ع

# سنڌي ادبي بورڊ پاران شايع ٿيل ڪجھ ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| قلندر ۽ ان سان لاڳاپيل مسلڪ | سائمن ڊگبي / ڊاڪٽر نواز علي شوق | 40/= |
| مخدوم نوح سرور جا سهيوڳي | محبوب علي چنا | 120/= |
| آتم ڪهاڻي مئڪسم گورڪي (ننڍپڻ) | مترجم: اياز قادري | 130/= |
| آتم ڪهاڻي مئڪسم گورڪي (تربيت) | مترجم: اياز قادري | 160/= |
| آتم ڪهاڻي مئڪسم گورڪي (منهنجا درسگاهه) | مترجم: اياز قادري | 140/= |
| سائو پن يا ڪارو پنو | ميرزا قليچ بيگ | 150/= |
| جنب گذاريم جن سين - 1 | جي. ايم. سيد | 120/= |
| جنب گذاريم جن سين - 2 | جي. ايم. سيد | 160/= |
| يادِ رفتگان | مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ | 200/= |
| جهڙا گل گلاب جا [جلد - 1] | غلام رباني آگرو | 120/= |
| جهڙا گل گلاب جا [جلد - 2] | غلام رباني آگرو | 120/= |
| سنڌ جا بر، بحر ۽ پهاڙ | غلام رباني آگرو | 200/= |
| نسب نامه ساداتانِ متعلوي | سيد مٺن شاهه | 80/= |
| حڪيم فتح محمد سيوهاڻي | ڊاڪٽر شمس عباسي | 60/= |
| امامِ انقلاب (مولانا عبيدالله سنڌي) | پير علي محمد راشدي | 30/= |
| وياسي وينجهار | مولانا غلام محمد گرامي | 50/= |
| سيا جو سينگار | وشنوشرما / سويراج آڏواڻي | 40/= |
| ٻري جن ٻاري | ڊاڪٽر خان محمد پنهور | 80/= |
| تذڪره مشاهير سنڌ [ڀاڱو - 1] | مولانا دين محمد وفائي | 125/= |
| يادِ ايام | ڊاڪٽر عبدالحليم قريشي | 160/= |

Digitized By M. H. Panhwar Institute Of Sindh Studies, Jamshoro.